ABC Certified

# A COMPREHENSIVE FAMILY HEALTH MAGAZINE

MONTHLY WAIJ KARACHI

Regd. SC No. 1307

وهَن ويڄن وَٽِ، جي سِڪين ته سَکو ٿيين (شاهه)

# ماهوار ويڄ ڪراچي

سنڌي ۾ صحت بابت پهريون رسالو

February 2009

Rs 25.00



## صاحب ڏج شفاء ميان مريضن کي



## ڊيابيٽس بابت غلط فهميون

## ڊيابيٽس بابت نيون ڪوجنائون

## بيمارين کان بچاءُ لاءِ ٽُڪا

## دماغ جا ڪرشماتي معجزا





# ایمرجنسی میں کام آئے!




ایمرجنسی کی صورت میں پریشانی ہوتی ہی ہے لیکن
فیملی پلاننگ ایمرجنسی کی صورت میں یہ پریشانی ہے صرف تھوڑی دیر کی!
اگر فیملی پلاننگ ایمرجنسی کو صرف 24 گھنٹے گزرے ہوں تو استعمال کیجئے
سبز ستارہ کی ای سی پی گولیاں جو فیملی پلاننگ ایمرجنسی کا محفوظ اور مؤثر ترین حل ہیں۔
مزید معلومات یا مشورے کے لئے مفت کال کیجئے۔




LOWE & RAUF

# اپيل

سنڌي ٻولي جي سائنسي ليکڪن، ڊاڪٽرن، اديبن ۽ سنڌيڪارن کي اپيل ٿي ڪجي تہ ماهوار ويچ لاءِ پنهنجو مواد هيٺين ائڊريس تي پوسٽ ذريعي ڏياري موڪلين.

## ماهوار ويچ

**53-اي، پهرين ماڙ، معين اسٽيل مارڪيٽ، باباءِ اردو روڊ، جي پي او باڪس نمبر 491، ڪراچي**

# ڏيان طلب

ويچ جا اهڙا مهربان ساليانہ خريدار جن جي ائڊريس تبديل ٿي ويئي هجي، يا ڪنهن بہ سبب ڪري رسالو نہ ملندو هجي سي مهرباني ڪري هيٺين ائڊريس تي خط ذريعي پنهنجي ائڊريس ڏياري موڪلين. ڪين پهرين ادا ڪيل فيس جي بدلي رسالو اماڻيو ويندو.

**سرڪيوليشن مئنيجر ماهوار ويچ**

**53-اي، پهرين ماڙ، معين اسٽيل مارڪيٽ، باباءِ اردو روڊ، جي پي او باڪس نمبر 491، ڪراچي**



پھر لگا بجلی کا جھٹکا!
کیا آپ کا بجلی کا بِل بھی آسمان سے باتیں کر رہا ہے؟ تو اس کی ایک وجہ ناقص کیبلز کا انتخاب بھی ہو سکتی ہے
عام کیبلز میں غیر معیاری کاپر کی وجہ سے بجلی ضائع ہوتی ہے۔
جبکہ %99.99 خالص کاپر سے بنے پاکستان کیبلز سے
• بجلی کا بہاؤ ہمیشہ رواں
• بِل آئے کم
PAKISTAN CABLES
Pakistan Cables
www.pakistancables.com
PAKISTAN 99.99% PURE COPPER CABLES
Blitz DDB
Trusted not to compromise



## اوهان جي ٽپال ۾

## پڙهندڙن جا خط

LETTERS TO THE EDTIOR

# پنهنجي پاران

”ويج“ جي ساٿين قلمي سهڪار ڪندڙن ۽ مهربان پڙهندڙن کي گذارش ڪجي ٿي تہ ”ويج“ کي اوهان جي تعميري ۽ صحتمند تنقيد جي ضرورت آهي. ”ويج“ ۾ بجاءِ تعريفي خط شايع ڪرڻ جي اسان کي خوشي ٿيندي جيڪڏهن ”ويج“ جا پڙهندڙ مواد جي مناسب واڪاڻ ڪرڻ سان گڏ اسان جي خامين ۽ ڪوتاهين ۽ پنهنجي مثبت تجويزن کان بہ اسان کي آگاهہ ڪندا رهن. ”ويج اوهان ۽ اسان سڀني جو رسالو آهي، ان جو مکيہ مقصد صحت جي واڌاري ۽ سڌاري بابت ڄاڻ ڏيڻ آهي. اميد تہ ان ڏس ۾ اوهان جو تعاون جاري رهندو.

## مضمونن سان گڏ ننڍا ٽوٽڪا بہ وٺيا!

ويج تہ هميشہ ڪارائتا مضمون شايع ڪندا رهيو آهي پر هينئر تازو ننڍا ٽوٽڪا بہ شامل ڪري سونهن کي وڌيڪ وڌايو اٿس، هونئن تہ هجڻ بہ ائين گهرجي جتي وڏا وڏا مضمون شايع ٿين اتي وري ننڍا ڪي ٽوٽڪا يا مضمون بہ شايع ٿيڻ گهرجن. جيئن صحت جا سونهري اصول، وڏن جا قول، حوالي جا احوال وغيره بہ هجن تہ نواڻ ضرور محسوس ٿيندي.

مجاهد حسين- سکر

*جواب: اوهان جهڙن مهربانن لاءِ ئي جاکوڙيون پيا، جتي ضرورت محسوس ٿي اتي مضمونن سان گڏ ٽوٽڪا بہ شامل ڪيا ويندا. (ادارو).*

## نشيدار شين خلاف مهم هلايو

سائين ويج اسان لاءِ نہ صرف هڪ ميگزين آهي پر رهنما بہ آهي، اوهان وٽ اينترو سارو ادارو آهي، اوهان جي ڄاڻ سڃاڻ بہ گهڻي هوندي پنهنجي وس آهر مهم هلايو، سيمينار ڪرايو، ورڪشاپ ڪرايو، سڄاڳي آڻڻ لاءِ پمفليٽ شايع ڪرايو ۽ هن موتمار زهر يعني نشيدار شين کان نوجوانن کي ضرور بچايو. اسان پنهنجي ڳوٺ ۾ پنهنجي وس آهر ڪوششون ونون پيا، هر ممڪن ڪوشش ڪري روڊ رستن تي ننڍا پوسٽر بہ لڳايا آهن جن ۾ پان، سوپاري، گهٽڪن ۽ سگريٽن جا نقصان لکيا آهن. انهن کي پڙهي ٿورا ڪي گهٽا بہ ان عادت مان نجات حاصل ڪري سگهيا تہ اسان سمجهنداسين تہ وڏو ڪم ڪيوسين. اوهان بہ ڪي اهڙي ڪوششون وٺو تہ جيئن ايندڙ نسل مڪمل طور تہ بہ تہ گهٽي پاڳي رڪجي وڃن. خيرجي ڪم ۾ هٿ وندايو. ڪريم بخش- ڪائوڙ

*جواب: اسان کي خوشي آهي تہ اسان جي سوچ ڪٿي ڪي نوجوان ميدان ۾ لٿا آهن. اسان هميشہ نشيدارن شين خلاف مضمون شايع ڪيا آهن اميد تہ ضرور سڄاڳي ايندي. (ادارو)*

## نئين سال جي ٽائيٽل جو سوال ڏاڍو وٽيو

سائين سچ ٿا چئو جيئن پوءِ تيئن ٻڪ ماڻهن ۾ وڌندي پئي وڃي ۽ ماڻهو چا چا نہ پيا ڪن هن پيٽ خاطر. ڪي چوريون چڪرايون تہ وري ڦرون تہ ڪي وري ڦٽ پاڻن تي ويهي ماني ڳيچي جي انتظار ۾ ويٺل آهن انهيءَ سلسلي ۾ اسان ڪيتري قدر مخلص ٿيا آهيون يا جيڪي ڪا مدد ڪري سگهن ٿا اِهي ڇا ڪري سگهيا آهن. سوال پنهنجي جاءِ تي اجا تائين بيٺل آهي. واقعي ويج سڀني لاءِ سوچي ٿو پوءِ ڪٿي بڪايل هجن يا صحت جا ماريل، ويج سڀني لاءِ آهي. ويج واقعي ويج آهي.

محسن علي- ڄامشورو

*جواب: تعريف ڪرڻ لاءِ مهرباني، پر تعريف سان گڏوگڏ اسانجي جيڪڏهن ڪوتاهين تي بہ نظر رکو تہ اسانکي وڏي خوشي ٿيندي. جيستائين عام ماڻهن جو تعلق آهي تہ اسان سڀني لاءِ لکنداسين. (ادارو).*

## تہ ڇا پيرات ايڏو شرارتي هئو!

آءُ بہ ڊاڪٽر پيرات جي زماني دوران چانڊڪا ميڊيڪل جو شاگرد رهي چڪو آهيان، اسان کيس ڏاڍو شريف، همدرد ۽ سوشل ورڪر سمجهندا هئاسين. هو بظاهر تہ ڪڏهن اهڙو لڳو ئي ڪونہ پر جنوري 2009 واري ويج ۾ سندس ڪالم پڙهي خبر پئي تہ لڪل رستم هو.

ڊاڪٽر سهراب علي- ڪراچي

*جواب: سائين اها توهانجي ڪمزوري هئي جو توهان کيس سڃاڻي نہ سگهيا، باقي هو اڄ بہ خاموش شرارتي آهي. ڪاٿي توهان سان بہ اهڙي ويڌن تہ ڪونہ ٿي هئي؟ (ادارو)*


KOLSON
KOLSON Bravo!
Milk cookies with chocolate
مزے کی صرف ایک بات!
brand

# ويچ هيلٿ پروموٽرز فورم

ماهوار ويچ جتي پڙهيل لکيل ماڻهن کي صحت جي ڄاڻ لاءِ ڪوشان آهي، اتي هن ديس جي اڻ پڙهه ۽ اڻ ڄاڻ ماڻهن کي صحت جي بنيادي سکيا ڏيڻ ۽ بيمارين کان بچاءَ جي واٽ ڏيکارڻ جو عزم ڪري ٿو.
ان سلسلي ۾ هيٺ ڄاڻايل متن ۽ مقصدن سان "ويچ هيلٿ پروموٽرز فورم" جو وجود رد عمل ۾ آندو ويو.

1- ڪوبه اهڙو فرد (عورت يا مرد) جيڪو ماهوار ويچ جون لکڻيون پڙهي ۽ سمجهي سگهي ٿو سو هن فورم جو ميمبر ٿي سگهي ٿو.
2- اهڙو فرد جيڪو ويچ هيلٿ پروموٽرز فورم جو ميمبر ٿيندو اهو عام ماڻهو جيڪي ويچ کان مانوس نه آهن يا وري لکي پڙهي ڪونه ٿا ڄاڻن، تن کي ويچ مان حاصل ڪيل صحت جي ڄاڻ جو پيغام پهچائڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندو.
3- ويچ هيلٿ پروموٽرز فورم ۾ ڪي به ڊاڪٽر/نرس/ڊسپينسر/شاگرد يا عام ماڻهو چاهي اهو مرد هجي يا عورت، بنا ڪنهن امتيازي مت ڀيد جي ميمبر ٿي سگهي ٿو. اهڙن ميمبرن کي هيٺ ڏنل حلف نامو ۽ ميمبري فارم پُري اداري کي موڪلڻو پوندو، سندس ميمبرشپ کي يقيني بنائڻ لاءِ ماهوار ويچ جي ايندڙ شماري ۾ سندس نالي جو اعلان ڪيو ويندو.
4- ويچ هيلٿ پروموٽرز فورم جي ميمبرن کي ماهوار ويچ ذريعي متحد رکيو ويندو ۽ سندن صحت بابت ڄاڻ کي وڌايو/تازو ڪيو ويندو.

هن مقصد سان متفق ساٿين کي گذارش آهي ته هيٺيون پارم پري اداري کي هيٺين ائڊريس تي موڪلين.

## ويچ هيلٿ پروموٽرز فورم

معرفت ماهوار ويچ، ڪمرو نمبر 53، پهرين ماڙ بلاڪ-اي، معين اسٽيل مارڪيٽ باباءِ اردو روڊ، جي پي او باڪس نمبر 491، ڪراچي.

---

## ويچ هيلٿ پروموٽرز فورم

### حلف نامي تي عزم

آئون ______________ پٽ/ڌيءُ/زال ______________

پنهنجي رضا خوشي ۽ هوش حواس سان ويچ هيلٿ پروموٽرز فورم جو/جي ميمبر ٿيان ٿو/ٿي. آئون ان ڳالهه جو اقرار ٿو/ٿي ڪريان ته بنا ڪنهن غرض، لالچ ۽ وڏائي/ننڍائي جي پنهنجي ڄاڻ ۽ وس آهر عام ماڻهن تائين صحت جي پيغام کي عام ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندس/پتوڙينديس.

ميمبر جي صحيح ______________

### ذاتي تفصيل

نالو ______________ پيءُ/مڙس جو نالو ______________

ذات ______________ ڌنڌو ______________

تعليم ______________

ٻيون مصروفيتون ______________

ائڊريس ______________

______________

ميمبر جي صحيح ______________

نوٽ: هر فارم جي فوٽو اسٽيٽ ڪاپي به استعمال ڪري سگهجي ٿي.

آفيس آف دي ڊسٽرڪٽ آفيسر ايجوڪيشن شڪارپور

# ٽينڊر گهرائجن ٿا

پيرا رولس 2004 تحت اهليت رکندڙ دلچسپي رکندڙ ٺيڪيدارن/فرمن/پارٽين کان هيٺ ڄاڻايل ڪمن لاءِ مهربند ٽينڊر گهرائجن ٿا.

| ايس نمبر/ ADP NO | اسڪيم/هنڌ جو نالو | تعلقو | ڪٿيل لاڳت | مدو |
|---|---|---|---|---|
| 1160 | **پراونشنل اي ڊي پي اسڪيمون** موجود سيڪنڊري ۽ هائر سيڪنڊري اسڪولن ۾ ڪلاس رومن جو واڌارو، ليبس ۽ لائبريرين جي تعمير. 08-2007 پروگرام موجود سيڪنڊري ۽ هائر سيڪنڊري اسڪولن ۾ اضافي ڪلاس رومن جي تعمير. | | | |
| .1 | جي بي ايڇ ايس ايس سلطان ڪوٽ (2 ڪلاس روم) يو سي سلطان ڪوٽ | شڪارپور | 0.750 | 8 مهينا |
| .2 | جي بي ايڇ ايس:I شڪارپور سٽي (2 ڪلاس روم) ايم سي 5 | شڪارپور | 0.750 | 8 مهينا |
| .3 | جي بي ايڇ ايس:II شڪارپور سٽي (2 ڪلاس روم) ايم سي 6 | شڪارپور | 0.750 | 8 مهينا |
| .4 | جي جي ايڇ ايس شڪارپور سٽي (2 ڪلاس روم) ايم سي 2 | شڪارپور | 0.750 | 8 مهينا |
| .5 | جي بي ايڇ ايس شڪارپور سٽي (2 ڪلاس روم) ايم سي 1 | شڪارپور | 0.750 | 8 مهينا |
| | **موجود سيڪنڊري ۽ هائر سيڪنڊري اسڪولن ۾ سائنس ليب جي تعمير** | | | |
| .6 | جي بي ايڇ ايس سلطان ڪوٽ يو سي سلطان ڪوٽ | شڪارپور | 0.750 | 8 مهينا |
| .7 | جي جي ايڇ ايس شڪارپور ايڇ سي 2 | شڪارپور | 0.750 | 8 مهينا |
| .8 | جي بي ايڇ ايس نمبر:I شڪارپور ايم سي-2 | شڪارپور | 0.750 | 8 مهينا |
| .9 | جي بي ايڇ ايس نمبر:II شڪارپور ايم سي-6 | شڪارپور | 0.750 | 8 مهينا |
| | **موجود سيڪنڊري ۽ هائر سيڪنڊري اسڪولن ۾ لائبريري جي تعمير.** | | | |
| .10 | جي بي ايڇ ايس اسلاميہ ايم سي-7 | شڪارپور | 0.725 | 8 مهينا |
| .11 | جي بي ايڇ ايس شڪارپور سٽي ايم سي-1 | شڪارپور | 0.725 | 8 مهينا |
| .12 | جي بي ايڇ ايس سلطان ڪوٽ ايم سي-1 يو سي سلطان ڪوٽ | شڪارپور | 0.725 | 8 مهينا |
| .13 | جي بي ايڇ ايس حاجي فتح محمد استو. | شڪارپور | 0.725 | 8 مهينا |
| .14 | جي بي ايڇ ايس قاضي حبيب الله | شڪارپور | 0.725 | 8 مهينا |
| | **موجود سيڪنڊري ۽ هائر سيڪنڊري اسڪولن ۾ ڪمپيوٽر ليب جي تعمير** | | | |
| .15 | جي جي ايڇ ايس شڪارپور ايم سي-2 | شڪارپور | 0.725 | 8 مهينا |
| .16 | جي بي ايڇ ايس شڪارپور سٽي | شڪارپور | 0.725 | 8 مهينا |
| .17 | جي بي ايڇ ايس نمبر:1 شڪارپور ايم سي-5 | شڪارپور | 0.725 | 8 مهينا |
| .18 | جي بي ايڇ ايس سلطان ڪوٽ، يو سي سلطان ڪوٽ | شڪارپور | 0.725 | 8 مهينا |
| 1137 | **سنڌ ۾ موجود مڊل اسڪولن ۾ ڪمپيوٽر تعليم متعارف ڪرائڻ پروگرام 09-2008** | | | |
| .19 | جي بي ايم ايس بيڊ يو سي ڪرڻ | شڪارپور | 0.725 | 8 مهينا |
| .20 | جي جي ايم ايس ڪوٽ اختر محمد شيخ يو سي-06 | شڪارپور | 0.725 | 8 مهينا |
| 1047 | **شڪارپور ۾ موجود ڊگري ڪاليج ۾ پوسٽ گريجوئيٽ ڪلاسن کي متعارف ڪرائڻ** | | | |
| .21 | ڪينٽين جي تعمير. | شڪارپور | 1.850 | 12 مهينا |
| .22 | چوديواري جي تعمير. | شڪارپور | 0.550 | 8 مهينا |
| .23 | بيت الخلا بلاڪ جي تعمير. | شڪارپور | 0.500 | 8 مهينا |
| .24 | چوڪيدار رهائشگاهہ جي تعمير | شڪارپور | 0.600 | 8 مهينا |
| 1136 | **پرائمري اسڪولن کي مڊل اسڪولن ۾ اپ گريڊ ڪرڻ (08-2007 پروگرام)** | | | |
| .25 | جي بي پي ايس شاهنواز پنهور يو سي شبيرآباد | خيرپور | 1.800 | 18 مهينا |
| .26 | جي بي پي ايس محمد صالح پهوڙ يو سي رحيم آباد | خيرپور | 1.800 | 18 مهينا |
| .27 | جي بي پي ايس ڪرم پهوڙ يو سي رحيم آباد | خيرپور | 1.800 | 18 مهينا |

**شرط ۽ ضابطا**

1. ڪورا ٽينڊر آفيس ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن ورڪس شڪارپور مان 2009-03-11 تي 3:00 وڳي منجهند تائين هر هڪ ڪم آڏو ڄاڻايل ٽينڊر في ادا ڪرڻ تي جاري ڪيا ويندا ۽ 2009-03-12 تي 2:00 وڳي منجهند جو واپس وصول ڪري ساڳئي ڏينهن 3:00 وڳي منجهند جو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ ايگزيڪيوٽو ڊسٽرڪٽ آفيسر ورڪس اينڊ سروسز شڪارپور ۽ ٺيڪيدار يا انهن جي نمائندن جي روبرو کوليا ويندا. جيڪڏهن هيٺ صحيح ڪندڙ هيڊڪوارٽر کان ٻاهر ويل هوندو تہ ٽينڊر تي کوليا ويندا.
2. i) سوڻي رقم ڪال ڊپازٽ جي صورت ۾ ٽينڊرن سان شامل ڪرڻي پوندي. ii) ٽينڊر في پيرا رولس تحت اوڳاڙي ويندي.
3. تفصيلي تصريحات ۽ ٻيا تفصيل ڪنهن بہ ڪم واري ڏينهن آفيس وقت دوران هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ ڏسي سگهجن ٿا.
4. نامڪمل شرطي ٽينڊر قبول نہ ڪيا ويندا.
5. پروڪيورنگ ايجنسي پيراجي لاڳاپيل پرووزن تحت ڪوبہ يا سمورا واڪ رد ڪري سگهجي ٿي، ٻيون پيرو ٽينڊر 2009-03-18 تي جاري ڪري 2009-03-19 تي کوليا ويندا.

**ڊسٽرڪٽ آفيسر**
**ايجوڪيشن ورڪس شڪارپور**

INF/KRY No. 638/09



نئون
ليمن
ميڪس
NEW
ULTRA
Lemon
Max
Power Cleaner
Home Cleaning Made Ea
DISHWASH LIQUID
With real lemon juice
Cleaning Made Easy
ساؤ ڪم مڪرو ليمي جي طاقت سان پريل

# MISCONCEPTS ABOUT DIABETES



# ذيابيطس جي باري ۾ چند غلط فهميون


**پروفيسر ايم زمان شيخ،**
ايم بي بي ايس (سنڌ)،
ايف سي پي ايس،
ايم آر سي پي (UK)،
ايف آر سي پي،
ايم ايس سي (گلاسگو يونيورسٽي)،
(ڊايابيٽس ۽ انڊوڪرونولوجي)
پروفيسر آف ميڊيسن، ڊاؤ يونيورسٽي
ڊائريڪٽر، نيشنل انسٽيٽيوٽ آف
ڊايابيٽس اينڊ انڊوڪرونولوجي
ڪراچي


**ذيابيطس** نہ صرف پاڪستان ۾ بلڪ پوري دنيا ۾ نهايت عام بيماري آهي. پاڪستان ۾ اندازاً 10 في سيڪڙو بالغ آبادي ذيابيطس جو شڪار آهي ۽ تقريباً ايترا ئي ماڻهو (Pre-diabetic) آهن. هن صورتحال کي (IGT) يا (Impaired Glucose Tolerance) چوندا آهن. يعني انهن کي ظاهري شڪر جو مرض تہ نہ هوندو آهي پر سندن رت ۾ گلوڪوز جي سطح نارمل کان وڌيڪ هوندي آهي ۽ مستقبل قريب ۾ انهن کي شڪر جو مرض ٿيڻ جو وڌيڪ خطرو آهي.

WHO (عالمي اداره صحت) جي اندازي مطابق سن 2000 ۾ پاڪستان دنيا ۾ شڪر جي مريضن جي آباديءَ جي لحاظ کان 8 نمبر تي هو پر سن 2025 ۾ اهو وڌي نمبر 4 تي اچي ويندو. ان جي باوجود اسان جي عوام ۾ شڪر جي بيمارين جي ڄاڻ تمام گهٽ آهي ۽ گهڻيون ئي غلط فهميون آهن. انهن مان چند غلط فهميون ۽ انهن جي اصليت هيٺ ڏجن ٿيون.

## ذيابيطس جي مرض جي باري ۾ غلط فهميون

**1- غلط فهمي:**

"منهنجي رت ۾ گلوڪوز صرف ٿورو ئي وڌيل هوندو آهي، ڪڏهن ڪڏهن 200 تي پهنچندو آهي، ان لاءِ مڙئي خير آهي.

**اصليت:** رت ۾ شڪر سختي سان ڪنٽرول ڪجي، شڪر جي مريضن جي شڪر نيراني 110mg% کان گهٽ ۽ نيرن ختم ڪرڻ جي ٻن ڪلاڪن ڪانپوءِ 140mg% يا وڌ ۾ وڌ 160mg% کان گهٽ هجڻ گهرجي، نہ تہ مونجهارن ٿيڻ جو خطرو وڌي ويندو آهي ۽ اسان کي خبر آهي تہ اهي مونجهارا تمام خطرناڪ ٿيندا آهن، مثلاً اکين جي بينائي هميشہ جي لاءِ ختم ٿي وڃڻ، گردن جو ناڪاره ٿيڻ، اڌ رنگو ٿيڻ ۽ دل جو دورو پوڻ، هٿن پيرن ۾ شديد ساڙو، پيرن ۾ گنگرين جنهنجي ڪري پير يا ڄنگهہ کي ڪٽڻو پوندو آهي.

**2- غلط فهمي:**

"ٽائپ-1 ذيابيطس جي مريض ۾ جيئن تہ ڀهرين ڏينهن کان وٺي انسولين لڳندي آهي، ان سبب ڪري اها وڌيڪ خطرناڪ بيماري آهي، بنسبت ٽائپ-2 ذيابيطس جي مريض ۾، جن ۾ شروع ۾ گوريون ڪافي سالن تائين فائدو ڪنديون آهن."

**اصليت:** بلڪل نہ. ٽائپ-1 ۽ ٽائپ-2 ٻئي خطرناڪ بيماريون آهن، جنهن شڪر کي ڪنٽرول نہ ڪيو تہ ٻنهي جا مونجهارا ساڳيا آهن، ان لاءِ ٻنهي بيمارين ۾ شڪر کي سختي سان نارمل رکجي.



**رت ۾ شگر سختي سان ڪنٽرول ڪجي، نہ تہ مونجهارن ٿيڻ جو خطرو وڌي ويندو آهي ۽ اسان کي خبر آهي تہ اهي مونجهارا تمام خطرناڪ ٿيندا آهن، مثلاً اکين جي بينائي هميشہ جي لاءِ ختم ٿي وڃڻ، گُردن جو ناڪاره ٿيڻ، اڌ رنگو ٿيڻ ۽ دل جو دورو پوڻ، هٿن پيرن ۾ شديد ساڙو، پيرن ۾ گنگرين جنهنجي ڪري پير يا ڄنگهہ کي ڪٽڻو پوندو آهي.**

# دماغ جا ڪرشماتي معجزا

ڊاڪٽر علي اڪبر ڍنڍ

انساني دماغ هڪ اهڙو قدرت جو تحفو آهي جنهن ڪري انسان کي اشرف المخلوقات سڏيو ويو آهي. دماغ مان انسان جون سوچون، تحقيقون، ايجادات، نوان خيالات نڪرن ٿا جنهن جي ڪري ئي هيءَ دنيا توهان کي ايڏي ترقي ڪندي نظراچي ٿي. قرآن پاڪ ۾ ارشاد آهي ته "جيڪو انسان دماغ کان ڪم نٿو وٺي اهو جانورن کان بدتر آهي." ان لاءِ ئي هر ماڻهو جو فرض بڻجي ٿو ته هو پنهنجي دماغ کي بهتر نموني سان هلائي ۽ سوچي ۽ ان کان بهتر ڪم وٺي.

جيڪڏهن دماغ کان اسان بهتر نموني ڪم نه وٺون ته پوءِ ٻين جانورن وانگر به اسان به هڪ جانور ئي هجون ها سواءِ کائڻ پيئڻ، نسل وڌائڻ جي ۽ دشمن سان ويڙهه ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه ڪري سگهون ها. ڇا لاءِ ته اهي مٿي ذڪر ڪيل خصوصيتون سيني جانورن ۾ موجود آهن ۽ انهن ۾ به اهوئي دماغ آهي پر هو ان کان ڪم ئي ايترو وٺن ٿا.

هاڻي پنهنجي چوڌاري نظر ڦيرائي ڏسو ته اسان جي هيڏي ساري قوم انهن مٿين ذڪر ڪيل خصوصيتن کانسواءِ ٻيو ڪهڙو ڪم دماغ کان وٺي ٿي اهو سڀ اسان لاءِ سوچڻ جو مقام آهي.

دماغ ڪيئن ڪم ڪري ٿو ۽ ان جا ڪهڙا حصا آهن؟



دماغ هڪ اهڙو مرڪز آهي جنهن جي قبضي هيٺ جسم جو هر حصو آهي ۽ اهو حصو دماغ جي حڪم کان سواءِ ڪجهه به نٿو ڪري سگهي مثال طور دل جي ڌڙڪڻ ڪي به دماغ ئي ڪنٽرول ڪري ٿو. اکيون جيڪو ڏسن ٿيون سي به دماغ جي ضابطي هيٺ آهن قدرت جو ڪمال ته ڏسو دماغ جو وزن ته اٽڪل 1400 گرام يعني ڏيڍ سير آهي پر هو جسم جو چوٿائي حصي جيترو (25٪) رت هڪ منٽ ۾ ڪٽي ٿو ان لاءِ ته دل مان سڌو نڪرندڙ ٻه شاه شريانيون دماغ ڏانهن سڌو ڳچيءَ کان ٿينديون پهچن ٿيون.

دماغ جا ڪجهه حصا اهڙا آهن جن جو ڪم صرف سوچڻ آهي جيئن (frontal lobe). انهيءَ حصي ۾ چڱائي واريون ڳالهيون به سوچي سگهجن ٿيون ته وري شيطاني ۽ بدي واريون سوچون به. هي دماغ جو حصو نرڙ جي هيٺيان آهي. اهڙي طرح قرآن پاڪ ۾ لکيل اهي ته "اسان برن ڪمن ڪرڻ وارن کي نرڙ جي وارن کان ڇڪي دوزخ ۾ داخل ڪنداسين." اهو ان لاءِ ته نرڙ جي هڏي هيٺان ئي دماغ جي سوچڻ وارو حصو اهي جيڪو انسان کان سنا ڪم به ڪرائي ٿو ته وري خراب ڪم به.

دماغ جي هن حصي ۾ اگر خرابي ٿئي جهڙوڪ: دماغ جو ڳوڙهو (Brain Tumor) يا ان کي رت صحيح مقدار ۾ نه پهچي ته ان مريض ۾ يا خاموشي اچي ويندي يا وري هر ڪنهن سان ڀيو وڙهندو. معاشري جي مڃيل اصولن جي ڀڃڪڙي ڪندو ۽ ڪنهن به فيصلي ڪرڻ جي سندس ۾ قوت نه رهندي ۽ نه ئي وري صحيح نموني ڳالهائي ٻولهائي سگهندو ائين سمجهو ته هو انسان جي روپ ۾ هڪ جانور هوندو.

دماغ جو ٻيو حصو جنهن کي طب جي زبان ۾ (Parietal lobe) چئبو آهي، سو وري اسان کي صحيح نموني سان هر جڳهه کي ڳولهي لهڻ حساب ڪتاب ڪرڻ ۽ ڪپڙا وغيره پائڻ ۽ شين کي هٿ سان ڇهي سڃاڻڻ ۾ مدد

دماغ جا ڪجهه حصا اهڙا آهن جن جو ڪم صرف سوچڻ آهي جيئن (frontal lobe). انهيءَ حصي ۾ چڱائي واريون ڳالهيون به سوچي سگهجن ٿيون ته وري شيطاني ۽ بدي واريون سوچون به. هي دماغ جو حصو نرڙ جي هيٺيان آهي. اهڙي طرح قرآن پاڪ ۾ لکيل اهي ته "اسان برن ڪمن ڪرڻ وارن کي نرڙ جي وارن کان ڇڪي دوزخ ۾ داخل ڪنداسين." اهو ان لاءِ ته نرڙ جي هڏي هيٺان ئي دماغ جي سوچڻ وارو حصو اهي جيڪو انسان کان سنا ڪم به ڪرائي ٿو ته وري خراب ڪم به.

ڪندو آهي. اگر ان ۾ خرابي ٿئي ته مريض حساب ڪتاب ۾ غلطيون ڪندو پنهنجي گهر جي ائڊريس ٿي پلجي ويندو وتند پرايا در کڙڪائيندو. اگر عورت آهي ته ان کي اچانڪ پنهنجو بورچيخاني جو رستوئي وسري ويندو. مطلب ته مريض کي پنهنجي علائقي جي جاگرافي ئي وسري ويندي.

شين کي هٿ لڳائي نه سڃاڻي سگهندو. جهڙوڪ اگر ان کي اکيون ٻوٽرائي هٿ ۾ پين يا واچ ڏبي ته نه سڃاڻي سگهندو.

دماغ جو ٽيون حصو جنهن کي (Temporal lobe) چئبو آهي ان جو ڪم آهي يادگيريءَ کي محفوظ رکڻ، ٻڌڻ ۽ سمجهڻ ۽ سنگهڻ جي عمل ۾ مدد ڪرڻ اگر ان ۾ خرابي اچي وڃي ته مريض کي اها خبر نه پوندي ته هو ڪٿي آهي، يا وري اگر گهر ۾ وينو هوندو ته هر هر پيو پڇندو ته هي ڪهڙي جاءِ آهي مان ته هتي پهريون دفعو آيو آهيان. بار بار ڳالهه سمجهائي به نه سمجهندو ۽ ڪڏهن چوندو ته بهترين خوشبوئن پيون اچن ته ڪڏهن وري چوندو ته ڪمري ۾ تمام گهڻي ڪا بدبودار شيءِ پيل آهي.




دماغ جو چوٿون حصو جنهن کي (Occipital lobe) چئبو آهي ان جو ڪم آهي اکين ۾ ٿهيل عڪس کي سمجهڻ. اگر ان ۾ خرابي ٿئي ته مريض صحيح اکين هوندي به ڏسي نه سگهندو يا وري اکين آڏو عجيب ۽ غريب منظر پيو ڏسندو.

دماغ جو هڪ خاص حصو جنهن کي (Limbic lobe) چئبو آهي، اهو وري احساسات، خوشيون غميون، جنسي خواهشون، کائڻ، پيئڻ ۽ جسم جي گرميءَ جي درجي تي ضابطو رکڻ وغيره کي ڪنٽرول ڪندو آهي. مطلب ته انسان يا جانور جون جيڪي بنيادي ضرورتون آهن اهي سڀ ٿي ان حصي جي ضابطي اندر آهن هي دماغ جو تمام پراڻو حصو آهي، جيڪو قديم زماني کان وٺي هر انسان ۾ موجود آهي. ان ۾ خرابي ٿئي ته مريض پنهنجي احساسات (Emotions) تي ضابطو نه رکي سگهندو ۽ يا ته تمام گهڻو کاڌو کائيندو يا وري بنهه ڪجهه به نه کائيندو. جنسي خواهش جي تمام گهٽائي ٿي ويندس يا وري بلڪل ئي جنسي طور تي مفلوج هوندو. اهڙا ئي مريض اڪثر ڪري عورتن تي جنسي حملن جا ذميوار هوندا آهن ۽ انهن ۾ ڪا به ساڃاهه نه هوندي آهي.

دماغ جي باقي به حصا اهڙا آهن جن مان هڪ اسان جي هلڻ چلڻ جي توازن کي برقرار رکي ٿو جنهن کي (Cerebellum) چئبو آهي ۽ ٻيو وري اسان جي ساهه دل کي ضابطي ۾ رکي ٿو جنهن کي (Brain Stem) يا "دماغ جي پاڙ" چئبو آهي.

ڪجهه سال اڳ آمريڪا جي سيني سائنسدانن گڏجي هڪ اهڙي (Robot) ناهڻ جي ڪوشش ڪئي. ان ۾ دماغ جو هر حصو رکيو ويو ۽ ان کي مڪمل انسان بنائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. ان ڪمپيوٽرائيزڊ انسان ۾ هر قسم جو فائيل محفوظ ڪيو ويو.

جڏهن ان کي مڪمل آزاد ڇڏيو ويو ته ان ۾ هڪ شيءِ جي خامي نظر آئي جيڪا هئي احساسات (Emotions) جو نه هجڻ. احساس ٿي قدرت جي طرفان انسان کي ڏنل اهڙو تحفو آهي جنهن جي ذريعي هو ٻين جي جذبات ۽ احساسات تي نظر رکي ٿي فيصلا ڪري ٿو ان جو مثال توهان کي هن طرح ٻڌائجي ته ان ۾ روبوٽ انسان کي چيو ويو ته توهان هر بيماري جي علاج متعلق بجيٽ ٺاهي ڏيو. ته ڪهڙي بيماري تي ڪيترو خرچ ڪجي ته ان سڀ کان وڏيڪ پيٽ شوگر ۽ بلڊپريشر جي بيمارين تي رکي ڇا لاءِ جو اهي تمام گهڻو عام آهن پر دراصل ان ۾ اهو احسس ٿي نه هئو ته اڄڪلهه ايڊز ۽ ڪينسر جيڪي انسان جي وجود لاءِ وڏو خطرو بڻيل آهي تن لاءِ ته ان تمام گهٽ ۾ گهٽ بجيٽ رکي، پر هئڻ ته ائين گهربو هو ته ان لاءِ گهڻي بجيٽ رکجي ها ته جيئن ان تي گهڻي ۾ گهڻي تحقيق ٿي سگهي.

مقصد ته دماغ جو انسان ۾ هجڻ، قدرت جي طرفان انسان ذات تي هڪ عظيم احسان آهي هاڻي اسان سيني تي اهو فرض بڻجي ٿو ته اسان ان جي حفاظت ڪريون ۽ ان کان بهتر ڪان بهتر نموني سان ڪم وٺون سوچيون ۽ سمجهون.

ڪجهه سال اڳ آمريڪا جي سيني سائنسدانن گڏجي هڪ اهڙي (Robot) ناهڻ جي ڪوشش ڪئي. ان ۾ دماغ جو هر حصو رکيو ويو ۽ ان کي مڪمل انسان بنائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. ان ڪمپيوٽرائيزڊ انسان ۾ هر قسم جو فائيل محفوظ ڪيو ويو، جڏهن ان کي مڪمل آزاد ڇڏيو ويو ته ان ۾ هڪ شيءِ جي خامي نظر آئي جيڪا هئي احساسات (Emotions) جو نه هجڻ. احساس ٿي قدرت جي طرفان انسان کي ڏنل اهڙو تحفو آهي جنهن جي ذريعي هو ٻين جي جذبات ۽ احساسات تي نظر رکي ٿي فيصلا ڪري ٿو

**لباس هميشہ پنهنجي طاقت ۽ حيثيت مطابق پهريو. ڪيترا ماڻهو قاتل، پراڻا ۽ چتين لڳل ڪپڙا پائي پيلو منهن ڪيون هلندا وتندا آهن ۽ انهيءَ کي ديناري سمجهندا آهن نہ فقط ايترو پر انهن ماڻهن کي دنيادار سمجهندا آهن، جيڪي صاف سٿرا ڪپڙا پهري پاڻ کي نيڪ ناڪ رکن ٿا. ديناريءَ جو اهو تصور سراسر غلط آهي. حقيقت ۾ دينداري ۽ الله لوڪيءَ جو دارومدار نہ قاتل ۽ پراڻن تي ڪپڙن تي آهي ۽ نہ ڪي قيمتي لباس تي، پر ديناري جو اصل مدار ماڻهوءَ جي نيت ۽ صحيح سوچ مٿان آهي. مومن کي هر حال ۾ اعتدال تي قائم رهڻو آهي، نہ پراڻا ڪپڙا پائي، وار کولي پريشان يا روئڻهارڪو بڻجي ۽ نہ ٺي زرق برق جا چلڪٽا لباس پائي وڏائي ۽ تڪبر ڪري.**

هڪ ڀيري رسول الله ﷺ جن وٽ سنهي مصري ململ آئي. پاڻ سڳورن ﷺ انهيءَ مان ٽڪر ڦاڙي وحيہ ڪلبيءَ رضہ کي ڏنو ۽ فرمايو، "هن مان هڪ حصو ڦاڙي تون پنهنجو ڪرتو ٺاهہ ۽ ٻيو زال کي رئي ٺاهڻ لاءِ ڏج. کيس چئج تہ هن جي هيٺان ڪوبہ ڪپڙو جوڙي تہ جيئن جسم جي بناوت اندران نہ جهلڪي." (ابودائود).

لباس هميشہ پنهنجي طاقت ۽ حيثيت مطابق پهريو. ڪيترا ماڻهو قاتل، پراڻا ۽ چتين لڳل ڪپڙا پائي پيلو منهن ڪيون هلندا وتندا آهن ۽ انهيءَ کي ديناري سمجهندا آهن نہ فقط ايترو پر انهن ماڻهن دنيادار سمجهندا آهن، جيڪي صاف سٿرا ڪپڙا پهري پاڻ کي نيڪ ناڪ رکن ٿا. ديناريءَ جو اهو تصور سراسر غلط آهي. حقيقت ۾ دينداري ۽ الله لوڪيءَ جو دارومدار نہ قاتل ۽ پراڻن تي ڪپڙن تي آهي ۽ نہ ڪي قيمتي لباس تي، پر ديناري جو اصل مدار ماڻهوءَ جي نيت ۽ صحيح سوچ مٿان آهي. مومن کي هر حال ۾ اعتدال تي قائم رهڻو آهي، نہ پراڻا ڪپڙا پائي، وار کولي پريشان يا روئڻهارڪو بڻجي ۽ نہ ٺي زرق برق جا چلڪٽا لباس پائي وڏائي ۽ تڪبر ڪري.

حضرت ابو الاحوص رہ جو پيءُ پنهنجو هڪ واقعو بيان ڪري ٿو. تہ هڪڙي ڀيري مان نبي ڪريم ﷺ جن وٽ حاضر ٿيس. انهيءَ وقت منهنجي جسم تي تمام گندا ۽ معمولي ڪپڙا پهريل هئا. پاڻ سڳورن ﷺ پڇيو تہ، "ڇا تون وٽ مال ۽ دولت ڪونهي؟" مون عرض ڪيو، "آهي سائين" وري پڇيائون، "ڪهڙي قسم جو مال اٿئي؟" مون چيو تہ الله پاڪ مونکي سڀ ڪجهہ ڏنو آهي، اٺ، ڳئون، ٻڪريون، گهوڙا ۽ غلام مطلب تہ ڪيچ آهن. پاڻ ﷺ فرمايائون، "جڏهن توکي الله تعاليٰ سڀ ڪجهہ ڏنو اهي تہ پوءِ سندس فضل ۽ احسان جو اثر تنهنجي جسم تي ظاهر هئڻ گهرجي." (ترمذي)

حضرت عبدالله ابن عمر رضہ پڇيو تہ، يا رسول الله ﷺ ڇا اهو تڪبر ۽ غرور آهي، جو مان نفيس ۽ عمدا ڪپڙا پهريان؟ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ. "نہ! بلڪہ اها تہ خوبصورتي آهي ۽ خدا انهيءَ خوبصورتيءَ کي پسند ڪري ٿو." (ابن ماجہ)

رسول پاڪ ﷺ جن هي بہ فرمايو تہ. "نماز ۾ ٻئي ڪپڙا پهريندا ڪريو (مڪمل لباس ڍڪيندا ڪريو) الله تعاليٰ وڏيڪ حقدار آهي تہ ماڻهو سندس دربار ۾ ٺهي سنبري وڃن." رسول پاڪ ﷺ جن فرمايو تہ. "جنهن جي دل ۾ ذري جيترو بہ غرور هوندو، اهو جنت ۾ نہ ويندو." هڪ ماڻهوءَ چيو تہ هر شخص اهو چاهي ٿو تہ سندس لباس عمدو هجي، سندس جوتا عمدا هجن. نبي پاڪ ﷺ جن فرمايو تہ. "خدا خود صاحب جمال آهي ۽ جمال (سونهن) کي پسند ڪندو آهي. غرور تہ دراصل اهو آهي تہ ماڻهو حق کان بي نياز ٿئي ۽ ماڻهن کي حقير ذليل ڄاڻي." (مسلم)

هميشه سادو، باوقار ۽ مهذب لباس پهريو ۽ لباس تي هميشه وچولو خرچ ڪريو. لباس ۾ عيش پسندي ۽ ضرورت کان وڌيڪ نزاڪت کان پاسو ڪيو. نبي ڪريم ﷺ جن جو ارشاد آهي تہ. "عيش پسندي کان پري رهو، ڇاڪاڻ تہ خدا جا پيارا ٻانها عيش پرست نہ هوندا آهن." (مشڪوات) هنڪان علاوه نبي پاڪ ﷺ جن هي پڻ فرمايو آهي تہ. "جنهن شخص سرنديءَ ۽ طاقت هوندي، رڳو نهٺائي ۽ عاجزي خاطر لباس ۾ سادگي اختيار ڪئي تہ خدا کيس شرافت ۽ بزرگيءَ واري لباس سان سينگاريندو." (ابودائود) اصحابي سڳورا رضہ هڪ ڏينهن ويٺا ڳالهيون ڪري رهيا هئا تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ. "لباس جي سادگي ايمان جي نشانين مان هڪ نشاني آهي."

خدا جي هن نعمت جو شڪر ادا ڪرڻ لاءِ انهن نادار شخصن کي بہ ڍڪايو، جن وٽ انگ ڍڪڻ لاءِ ڪينهي. نبي پاڪ ﷺ جن جو ارشاد آهي تہ. "جيڪو شخص ڪنهن مسلمان کي ڪپڙا پهرائي، سندس انگ ڪڍيندو تہ قيامت جي ڏينهن خدا تعاليٰ کيس جنت جو سائو لباس پهرائيندو." (ابودائود)

پاڻ سڳورن ﷺ هي بہ فرمايو تہ. "ڪنهن مسلمان پنهنجي مسلمان ڀاءُ کي ڪپڙا ڍڪايا تہ جيسائين اهي پهريندڙ جي لڳن تي رهندا تيستائين پهرائيندڙ کي خدا پنهنجي نگراني ۽ حفاظت ۾ رکندو." (ترمذي)



آهن، جنهن ۾ الٽي، بدن تي سوڄ، دماغ جو بخار اچي وڃن ٿا. اهي خراب اثر ٽڪي لڳڻ جي ويهن منٽن کان ٽن ڏينهن اندر پيدا ٿي سگهن ٿا ۽ ٽڪي جي ٻئين يا ٽئين خوراڪ کان پوءِ ڪنهن به وقت ٿي سگهن ٿا، ليڪن اهي ايترا عام نه آهن6000-3000 ٻارن مان ڪنهن هڪ ٻار کي اهي تڪليفون ٿي سگهن ٿيون.

جيڪڏهن اتفاق سان گهر ۾ ڪنهن ٻار کي وڏي ڪنگهه ٿي پوي ته ڪهڙا اپاءَ وٺڻ گهرجي؟

- ٻار کي فوراً ٻين ٻارن کان پري رکڻ گهرجي.
- ٻين ٻارن کي وڏي ڪنگهه جو واڌو ٽڪو نه هڻڻ گهرجي پر ان جو ماهر ڊاڪٽر کان علاج ڪرائڻ گهرجي.

## خناق:

خناق اڄڪلهه عام بيماري نه آهي، پر ان جي باوجود ان بيماريءَ جو ٽڪو ڪارائتو آهي، ۽ ٻار کي ڇهن کان پنجن سالن لاءِ بيماريءَ کان بچائي ٿو، ان لاءِ هن ٽڪي لاءِ واڌو ٽڪو (بوسٽر ڊوز) ضروري آهي، نه ته هي ٽڪو واڌو ٽڪي (بوسٽر ڊوز) کان سواءِ ڪارآمد ٿي نٿو سگهي، ان ٻار کي جنهن کي واڌو ٽڪو (بوسٽر ڊوز) ڏنل نه آهي، ان ۾ بيماريءَ جا امڪان ايترائي آهن، جيترا ڪنهن اهڙي ٻار ۾ جنهن کي ٽڪا لڳل نه هجن.

## جهٽڪن جي بيماري يا (Tetanus)ٽٽينس:

هيءَ انتهائي خطرناڪ بيماري آهي، پر ان جي باوجود ان بيماريءَ جو ٽڪو 100% ڪارائتو ۽ اثرائتو آهي ۽ اوتروئي خراب اثرن کان پاڪ به آهي، هن ٽڪي لاءِ به بوسٽر ڊوز ضروري آهن. پهريان ٽي ٽڪا جيڪي ڇهن ڇهن هفتن جي وقفي کان پوءِ لڳايا وڃن ٿا، انهن جي پنجن سالن کان پوءِ بوسٽر ڊوز لڳائڻ گهرجي، ڪجهه بيمارين کان پوءِ جسم ۾ دائمي قوت مدافعت پيدا ٿي پوندي آهي پر ٽٽينس ۾ ائين نٿو ٿئي. ڪنهن به زخم جي حالت ۾ يا روڊ جي حادثن ۾ خاص طرح سان اوهان (A.T.S) اي ٽي ايس جو نالو اڪثر ٻڌو هوندو، ان لاءِ ته مٽيءَ ۾ ٽٽينس جا جيوڙا گهڻي مقدار ۾ ٿيندا آهن ۽ اهڙن ماڻهن کي اي ٽي ايس جو ٽڪو ان لاءِ لڳايو ويندو آهي ته انهن کي ممڪن ٽٽينس يا جهٽڪن جي بيماريءَ کان بچايو وڃي، ڇاڪاڻ ته اهڙن حادثن ۾ جنهن ۾ ڪليل زخم ٿي پوندا آهن، ٽٽينس جي جيوڙن جو جسم ۾ داخل ٿيڻ جو امڪان وڏي ويندو آهي. اي ٽي ايس جو ٽڪو (House Seruim) هارس سيرم گهوڙي جي رت مان ٺاهيو ويندو آهي، جيڪو رت کي ڇاڻي ان جي ست مان ٺاهيو ويندو آهي، هي ٽڪو ان مدافعتي ٽڪي کان مختلف هوندو آهي جيڪو اسان جي رواجي ٽڪن جي ڪورس ۾ استعمال ڪندا آهيون، هي ٽڪو انسان جي جسم ۾ (Passive immunity) پيسواميونٽي فوري مدافعت فراهم ڪندو آهي. زخم جي گهڻي خراب ٿيڻ جي صورت ۾ اسان ٻنهي قسمن جا ٽڪا استعمال ڪندا آهيون ياد رکڻ گهرجي ته روڊ تي حادثن جي صورت ۾ (A.T.S) اي ٽي ايس جو ٽڪو 24 ڪلاڪن اندر مريض کي لڳڻ گهرجي.

## پوليو:(Polio)

هن بيماريءَ جو پورو نالو (Polio mylitis) پوليو مائيلائٽس آهي، اها انتهائي خطرناڪ بيماري آهي، هن بيماري



کان بچاءَ لاءِ ٽڪو بيحد ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته اڄ تائين هن بيماريءَ جو علاج ليي نه سگهيو آهي. پوليو جيوڙو يا وائرس جيڪو بيماري جو ڪارڻ آهي، دماغ جي مغذي ڏوريءَ جي مخصوص گهرڙن تي اثرانداز ٿيندو آهي، جنهنڪري جسم تي آهستي آهستي فالج ڪرندو آهي، اهو فالج سيني ۽ پيٽ جي مشڪن تي اثرانداز ٿيندو آهي، جيڪي ساهه کڻڻ جي عمل ۾ حصو وٺنديون آهن، ان صورت ۾ مريض ساهه نه کڻي سگهندو آهي ۽ موت جو شڪار ٿي ويندو آهي، ٻي صورت ۾ پوليو ڪري ڄنگهون ٻانهون وغيره سڪي پونديون آهن ۽ مريض هميشه جي لاءِ محتاج ٿي پوندو آهي.

هي بيماريءَ کان بچاءِ لاءِ ٽڪو ٻن نمونن مان ملي ٿو، هڪ سئيءَ ذريعي ڏنو وڃي ٿو، هن ۾ پوليو جا مئل جيوڙا ڪتب آندا وڃن ٿا، ٻيو پوليو جو قطرن وارو ٽڪو آهي، هن ۾ پوليو جي زنده جيوڙا ڪتب آندا وڃن ٿا. هي جيوڙا بيماري پئدا ڪرڻ جي سگهه نٿا رکن، صرف مدافعتي قوت پئدا ڪرڻ جي صلاحيت رکن ٿا. جيڪڏهن 70%-80% آبادي ۾ هي ٽڪو استعمال ڪيو وڃي ته هي بيماري پنهنجو پاڻ ختم ٿي ويندي، هن ٽڪي استعمال ڪرڻ سان ٻارن ۾ پوليو جي بيماري نٿي ٿئي، اهڙو ڪو ڪيس ٿيو به آهي ته اهو پنجاه لکن ٻارن مان ورلي ڪو هڪڙو.

## ميزلس ارڙي يا خسرو:

(Measles) هيءَ هڪ خطرناڪ بيماري آهي، اڳاٽي وقت ۾ هن بيماريءَ وگهي ڪيئي جانيون ضايع ٿي وينديون هيون يا هن بيماريءَ جي ٿيڻ کان پوءِ ڪيتريون ئي پيچيدگيون ظاهر ٿينديون هيون، جيئن ارڙي بعد ڦڦڙن جي نمونيا (Post Measles Meningitis) ارڙي بعد دماغي بخار مينجائيٽس، ارڙي بعد پيچيس جي بيماري، پراڻي لکل يا ڍيل سلهه ۾ اپار، ارڙيءَ لاءِ ٽڪو (Schwarts

(vaccine شوارزوڪيسين خشڪ صورت ۾ ڳار سان ڳڏ ملندو آهي، جنهن ۾ ارڙيءَ جا بي اثر جيوڙا هوندا آهن، جيڪي قوت مدافعت پيدا ڪندا آهن.

هي ٽڪو به خراب اثرن کان پاڪ آهي، ان جي باوجود اهڙن مريضن کي نه لاتو ويندو آهي، جن کي الرجيءَ جي بيماري هجي، ڪڪڙ جي آنن کان الرجي هجي، سلهه هجي يا (Bleeding disorders) بليڊنگ ڊس آرڊرس، خون جي بيجا وهڻ جون بيماريون هجن. اڪثر ماڻهن جو خيال آهي ته ارڙيءَ جي ٽڪي لڳڻ کان پوءِ ٻارن ۾ بيماري بلڪل نه ٿي ٿئي، پر حقيقت ۾ ائين نه آهي. هي ٽڪو ٻارن کي شروعاتي عمر ۾ بيماريءَ جي خطري کان بچائي ٿو، اڳتي هلي جيڪڏهن ٽڪي لڳل ٻار کي ارڙي نڪري به ٿي ته اها خطرناڪ قسم جي نٿي ٿئي ۽ انهن ۾ ڪنهن به قسم جون پيچيدگيون

ٽڪو ٻارن کي شروعاتي عمر ۾ بيماريءَ جي خطري کان بچائي ٿو، اڳتي هلي جيڪڏهن ٽڪي لڳل ٻار کي ارڙي نڪري به ٿي ته اها خطرناڪ قسم جي نٿي ٿئي ۽ انهن ۾ ڪنهن به قسم جون پيچيدگيون نٿيون ٿين، هن ٽڪي جا معمولي برا اثر آهن، جهڙوڪ هلڪو بخار، معمولي ڪنگهه، بدن تي سرڻو 5٪ - 4٪ ٻارن ۾ اکين جي سوزش به ٿئي ٿي، اهڙو ٻار ڪنهن به طرح بيماريءَ ڦهلائڻ جو سبب نٿو بڻجي ۽ اهي تڪليفون هڪ ٻن ڏينهن ۾ بنان ڪنهن علاج جي ٺيڪ ٿي وڃن ٿيون.

نٿيون ٿين، هن ٽڪي جا معمولي برا اثر آهن، جهڙوڪ هلڪو بخار، معمولي ڪنگهه، بدن تي سرڻو %4- %5 ٻارن ۾ اکين جي سوزش به ٿئي ٿي، اهڙو ٻار ڪنهن به طرح بيماريءَ ڦهلائڻ جو سبب نٿو بڻجي ۽ اهي تڪليفون هڪ ٻن ڏينهن ۾ بنان ڪنهن علاج جي ٺيڪ ٿي وڃن ٿيون.

هن ٽڪي جي لاءِ بهتر ٽائيم آهي، نون مهينن کان هڪ سال، پر ان جي باوجود اهو ٽڪو ڇئن پنجن سالن تائين لڳايو ويندو آهي، جيڪڏهن ڪنهن ٻار کي ارڙي اپرنڊڙ هجي ته ان صورت ۾ ٻار کي ٽڪو هڻي سگهجي ٿو، ان صورت ۾ ٽڪو جيترو جلد هڻجي اوترو بهتر ٿيندو.



## ريبيز:

(Rabies)

ڇتي ڪتي جي چڪ کان پوءِ اسان جيڪو ٽڪو هڻائيندا آهيون، ان کي (A.R.V) اي آر وي چئبو آهي، عموماً سڀ ڪتا ڇتا ڪونه ٿيندا آهن. ان جي باوجود اسان ڪتي جي چڪ پاتل ماڻهن کي ٽڪو ضرور هڻندا آهيون، ان لاءِ اصول هن ريت آهن.

1. جيڪڏهن اها خاطري هجي ته ڪتو ڇتو آهي ته پوءِ مريض کي فوراً سيون ترتيب وار هڻڻ گهرجن.

2. جيڪڏهن اها پڪ نه هجي ته ڪتو ڇتو آهي ته ڪتي کي ٻولهي ان کي ڪڙي چوڪسيءَ ۾ رکجي. جيڪڏهن ڪتي ۾ ڇتي ٿيڻ جون علامتون نظر اچن، جهڙوڪ هن جي جڀ جو ٻاهر نڪرڻ، ڳڦ وهڻ ۽ ڏاڙهڻ ته مريض کي فوراً ٽڪا هڻڻ گهرجن، اهڙو ڪتو عموماً ڇتي ٿيڻ کان پوءِ هڪ هفتي اندر مري وڃي ٿو.

3. جيڪڏهن ڪتو ائين ڏهن ڏينهن تائين جيئرو رهي ٿو ۽ نه ڪي علامتون ظاهر ڪري ٿو ته پوءِ مريض کي ڪو خطرو ڪونهي ۽ ٽڪن هڻڻ جي ضرورت به پيش نه اچي.

4. جيڪڏهن ڪتو چڪ پائڻ کان پوءِ هٿ نه چڙهي ۽ غائب ٿي وڃي ته ان صورت ۾ بچاءَ جا ٽڪا مريض کي لڳائڻ ضروري ٿيو پون.

گهريلو پالتو ڪتا جن کي اي آر وي جا ٽڪا لڳل هجن، ان جي چڪ پائڻ جي صورت ۾ ٽڪن جي ضرورت نٿي پوي.

**ٽي اي بي:** (T.A.B Vaccine)

هي ٽڪو ڪالرا ۽ مدي جي تپ جو ڳڏيل ٽڪو ٿيندو آهي، هي ٽڪو ان صورت ۾ ڏنو ويندو آهي جڏهن ڪنهن علائقي ۾ هي بيماري پکڙيل هجي ۽ ان جي وبائي ڦهلاءُ جو امڪان هجي.

هي ٽڪو عمر جي لحاظ کان مقدار ۾ ننڍن ٻارن کي گهٽ ۽ وڏن ٻارن کي وڌيڪ هنيو وڃي ٿو. مرض جي بچاءَ لاءِ هي ٽڪا ٽن خوراڪن ۾ ڇئن هفتن جي اندر ڏنا وڃن ٿا.

# آفيس آف دي تعلقه ناظم تعلقه ميونسپل ائڊمنسٽريشن مٽياري، ضلعو مٽياري

نمبر ٽي ايم اي/اين آءِ ٽي/67 سال 2009 تاريخ 17-02-2009

# ٽينڊر نوٽيس

تعلقه ميونسپل ائڊمنسٽريشن جي سال 09-2008 لاءِ منظور ٿيل ٺيڪيدارن کان بي-I ۽ بي-II فارمن تي مهر بند ٽينڊر گهرائجن ٿا.

| سيريل نمبر | ڪم جو نالو | ڪُل لاڳت | سوٽي رقم | ٽينڊر في | مدو |
|---|---|---|---|---|---|
| 1. | مٽياري باءِ پاس تي اقليتي قبرستان جي واٽر ٽينڪ جي تعمير. | 100000 | 2000 | 200 | 3 مهينا |
| 2. | ڳوٺ مريد سوهو جي سرفيس ڊرين جي تعمير. | 200000 | 4000 | 400 | 3 مهينا |
| 3. | ڳوٺ رسول بخش ڪوسو يو سي تاجپور جي ڪلورٽ جي تعمير. | 100000 | 2000 | 200 | 3 مهينا |
| 4. | ڳوٺ شهمير جي وسي يو سي سيڪاٽ جي سي سي بلاڪ جي تعمير. | 300000 | 6000 | 600 | 3 مهينا |
| 5. | ڳوٺ ڪوٽ شهاب الدين شاهه جي سي سي بلاڪ جي تعمير. | 200000 | 4000 | 400 | 3 مهينا |
| 6. | جي آءِ پائيپ ٽي ايم اي مٽياري جي فراهمي. | 500000 | 10000 | 1000 | 3 مهينا |
| 7. | مٽياري تعلقي جي سرفيس ڊرين ۽ سي سي بلاڪ جي تعمير. | 300000 | 6000 | 600 | 3 مهينا |
| 8. | ٽي ايم اي مٽياري جي لاءِ هينڊ پمپس جي فراهمي. | 900000 | 18000 | 1800 | 3 مهينا |
| 9. | اڏيرو لعل ڳوٺ يو سي اڏيرو لعل (وي ڊي اي) جي پمپ هائوس جي مرمت ۽ سارسنيال اليڪٽرڪ موٽرز ۽ پمپ اوزار وغيره. | 400000 | 8000 | 800 | 3 مهينا |
| 10. | تعلقو مٽياري جي لاءِ سلائي مشينن جي فراهمي. | 1000000 | 20000 | 2000 | 3 مهينا |
| 11. | سيد ڏنو پير قبرستان جي چوديواري جي مرمت. | 200000 | 4000 | 400 | 3 مهينا |
| 12. | يو سي مٽياري جي لاءِ هينڊ پمپ جي فراهمي. | 700000 | 14000 | 1400 | 3 مهينا |
| 13. | يو سي پائو خان پناڻ جي هينڊ پمپس جي سپلاءِ. | 500000 | 10000 | 1000 | 3 مهينا |
| 14. | حسن علي عباسي کان مدرسي مظهرالحق يو سي نصرپور جي سي سي بلاڪ جي تعمير. | 250000 | 5000 | 500 | 3 مهينا |
| 15. | پير احمد شاهه اوطارا کان درگاهه شاهه عنايت شاهه نصرپور جي سي سي بلاڪ جي تعمير. | 250000 | 5000 | 500 | 3 مهينا |
| 16. | يو سي فقير نوح هوٿياڻي جي اقليتن لاءِ هينڊ پمپس جي فراهمي. | 500000 | 10000 | 1000 | 3 مهينا |
| 17. | يو سي فقير نوح هوٿياڻي جي لاءِ هينڊ پمپس جي فراهمي. | 500000 | 10000 | 1000 | 3 مهينا |
| 18. | درگاهه روڊ کان علي شير راجپوت گهر يو سي (اڏيرو لعل ڳوٺ) جي مٽي جي پرائي/ فرشبندي ۽ سرفيس ڊرين. | 500000 | 10000 | 1000 | 3 مهينا |
| 19. | درگاهه روڊ کان گهر محمد بخش شيخ ڳوٺ اڏيرو لعل يو سي اڏيرو لعل جي مٽي جي پرائي/ فرشبندي ۽ سرفيس ڊرين. | 100000 | 2000 | 200 | 3 مهينا |
| 20. | يو سي اڏيرو لعل ڳوٺ لاءِ هينڊ پمپ جي فراهمي. | 400000 | 8000 | 800 | 3 مهينا |
| 21. | ڳوٺ وهاب شاهه يو سي اڏيرو لعل جي سي سي بلاڪ جي تعمير. | 500000 | 10000 | 1000 | 3 مهينا |
| 22. | يو سي سيڪاٽ جي لاءِ هينڊ پمپس جي فراهمي. | 300000 | 6000 | 600 | 3 مهينا |
| 23. | گل محمد مهر يو سي سيڪاٽ جي سي سي بلاڪ جي تعمير. | 200000 | 4000 | 400 | 3 مهينا |
| 24. | يو سي تاجپور جي هينڊ پمپس جي فراهمي. | 350000 | 7000 | 700 | 3 مهينا |
| 25. | يو سي تاجپور جي مختلف ڳوٺن لاءِ آر سي سي پائيپ ڏيڻ. | 150000 | 3000 | 300 | 3 مهينا |
| 26. | اڏيرو لعل اسٽيشن لاءِ هينڊ پمپس جي فراهمي. | 500000 | 10000 | 1000 | 3 مهينا |
| 27. | ڳوٺ تاجپور يو سي تاجپور جي سرفيس ڊرين جي تعمير. | 250000 | 5000 | 500 | 3 مهينا |
| 28. | يو سي تاجپور لاءِ هينڊ پمپ جي فراهمي. | 250000 | 5000 | 500 | 3 مهينا |
| 29. | ڳوٺ مجنون منگواڻو يو سي (ايس اي ايس جي وسي) جي سي سي بلاڪ جي تعمير. | 200000 | 4000 | 400 | 3 مهينا |
| 30. | ڳوٺ عارب ساهووال يو سي (ايس اي ايس جي وسي) جي سي سي بلاڪ جي تعمير. | 200000 | 4000 | 400 | 3 مهينا |
| 31. | ڳوٺ نور محمد ڪوسو ديهه آرني يو سي (ايس اي ايس جي وسي) جي سي سي بلاڪ جي تعمير. | 100000 | 2000 | 200 | 3 مهينا |
| 32. | يو سي مٽياري جي لاءِ هينڊ پمپس جي فراهمي (مقرر سيٽ). | 500000 | 10000 | 1000 | 3 مهينا |
| | **ايم پي اي پروگرام** | | | | |
| 33. | ڳوٺ عمر ڏاهري جي فرشبندي جي تعمير (ايم پي اي پروگرام). | 100000 | 2000 | 200 | 3 مهينا |

ٽينڊر دستاويز ۽ ڪورا ٽينڊر فارم تعلقه آفيسر (انفرااسٽرڪچر اينڊ سروسز) تعلقه ميونسپل ائڊمنسٽريشن مٽياري وٽان ٽينڊر في (ناقابل واپسي) ادا ڪرڻ سان تاريخ 11-03-2009 تائين سوٽي رقم بحق تعلقه ناظم ٽي ايم اي مٽياري جي ادا ڪرڻ سان حاصل ڪري سگهجن ٿا.

ٽينڊر واپس تاريخ 12-03-2009 تائين ورتا ۽ ساڳئي ڏينهن تي موجود ٺيڪيدارن يا سندن مجاز نمائندن جي روبرو منجهند 12:00 وڳي تائين کوليا ويندا.

بيا شرط ۽ ضابطا تعلقه آفيس (انفرااسٽرڪچر اينڊ سروسز) ٽي ايم اي مٽياري وٽان ڪنهن به ڪم ڪار واري ڏينهن تي آفيس وقت دوران حاصل ڪري سگهجن ٿا.

## شرط ۽ ضابطا:

1. شرطيه ٽينڊر قبول نه ڪيا ويندا.
2. ڪال ڊپازٽ کانسواءِ ٽينڊر تي غور نه ڪيو ويندو.
3. جيڪڏهن هيڊ صحيح ڪنڊڙ هيڊ ڪوارٽر کان ٻاهر هوندو ته ٽينڊر ٻئي ڪم واري ڏينهن تي صبح 11:00 وڳي تائين کوليا ويندا. جيڪڏهن ٽينڊر ڪنهن سبب ڪري ڄاڻايل تاريخ تي جاري نه ٿي سگهيا ته اهي ٻيهر تاريخ 14-03-2009 تي منجهند 12:00 وڳي تائين جاري ڪيا ۽ 16-03-2009 تي منجهند 2:00 وڳي تائين کوليا ويندا.
4. مجاز اختياري اهو حق محفوظ رکي ٿي ته هو ڪو به هڪ يا سمورا ٽينڊر بنا ڪنهن سبب ڄاڻائڻ جي رد يا منظور ڪري سگهي ٿي.
5. ادائگي فنڊن جي دستيابي تي ڪئي ويندي.

## پارٽ-II

دڪانن لاءِ عام نيلام جو نوٽيس

ٽي ايم اي مٽياري، دڪانن جو عام نيلام ڊپازٽ/مسواڙ بنياد تي تعلقه ناظم ٽي ايم اي مٽياري جي سربراهي ۾ موجود نيلام ڪاميٽي ميمبرن اڳيان هيڊ صحيح ڪنڊڙ جي آفيس ۾ ڪيو ويندو. عام نيلام پهريون ڀيرو 16-03-2009 تي، ٻيون ڀيرو 18-03-2009 تي ٽيون ڀيرو 20-03-2009 تي لوڪل گورنمينٽ جي نيلام پاليسي تحت هيٺ ڄاڻايل شرطن ۽ ضابطن تي (ماڊل رينٽ ايگريمينٽ) سان ڪيو ويندو.

| نمبر شمار | تفصيل | آفيس<br>ڊپازٽ/ رينٽ/رقم/واڪ | ڪال ڊپازٽ | حصي وٺڻ جي في |
|---|---|---|---|---|
| 1. | ٽي ايم اي آفيس لڳ 4 عدد دڪان. | 1. ڊپازٽ 500000 رپيا (هر هڪ دڪان لاءِ).<br>2. مسواڙ (ماهوار) 1000 رپيا (هر هڪ دڪان لاءِ). | 50000 | 2000 رپيا (ناقابل واپسي) |
| 2. | واٽر سپلاءِ اسڪيم مٽياري لڳ 18 عدد دڪان. | 1. ڊپازٽ 300000 رپيا (هر هڪ دڪان لاءِ).<br>2. مسواڙ (ماهوار) 800 رپيا (هر هڪ دڪان لاءِ). | 30000 | 1000 رپيا (ناقابل واپسي) |

## شرط ۽ ضابطا (پارٽ-II)

1. شرطيه آڇون قبول نه ڪيون وينديون.
2. نيلام مٿي ڄاڻايل تاريخ تي نيلام ڪاميٽي ۽ خواهشمند حصي وٺندڙن/ٺيڪيدارن يا سندن مجاز نمائندن اڳيان ڪيو ويندو.
3. باقيدارن کي نيلام ۾ حصي وٺڻ لاءِ اجازت نه هوندي. (ڪليئرنس سرٽيفڪيٽ گهربل).
4. واڪ ڏيندڙ 10% آڇيل رقم حصي وٺڻ جي في طور (ناقابل واپسي) هر هڪ اڳيان ڄاڻايل ڪال ڊپازٽ/ڊماند ڊرافٽ واڪ شروع ٿيڻ کان اڳ پهچڻ گهرجن.
5. ڪامياب واڪ ڏيندڙ منظور ٿيل آڇون تعلقه ناظم ٽي ايم اي مٽياري پاران منظور ٿيل پهرين قسط 50 % واڪ رقم جي ڊپازٽ/ واڪ ملهه واڪ جي منظور ٿيڻ کان 03 ڏينهن اندر باقي رهيل 40 % ڊپازٽ دڪان جي قبضي حاصل ڪرڻ کان اڳ ماڊل ايگريمينٽ 0.02 % نان- جوڊيشل اسٽامپ پيپر ڏيڻو پوندو.
6. ٽي ايم اي مٽياري اختياريون اهو حق محفوظ رکن ٿيون ته هو ڪو به هڪ يا سمورا واڪ / آڇون نيلام کان اڳ يا دوران رد يا منظور ڪري سگهن ٿيون.
7. جيڪڏهن ڪامياب واڪ ڏيندڙ مقرر وقت اندر رهيل رقم جمع ڪرائڻ ۾ ناڪام رهيا ته ڪال ڊپازٽ يا ٻي رقم ضبط ڪئي ويندي.
8. اين ٽي اين سرٽيفڪيٽ ۽ بينڪ گارنٽي 0.5 ملين جي ڪنهن به بينڪ مان جاري ڪيل شامل ڪرڻي آهي.
9. بيا شرط ۽ ضابطا آفيس آف تعلقه آفيسر (ريگيوليشن) ٽي ايم اي مٽياري وٽان ڪنهن به ڪم ڪار واري ڏينهن تي نيلام کان اڳ آفيس وقت دوران ڏسي سگهجن ٿا.

**هيڊ صحيح ڪنڊڙ جي هيڊ ڪوارٽر کان ٻاهر هئڻ يا ڪنهن ايمرجنسي جي صورت ۾ ٻي ڪم واري ڏينهن تي منجهند 1:00 وڳي تائين نيلام ڪيو ويندو. جيڪڏهن ساڳئي ڏينهن تي نيلام نه ٿي سگهيو ته اهو ٻيهر 21-03-2009 تي ڪيو ويندو**

**تعلقه ناظم**
**تعلقه ميونسپل ائڊمنسٽريشن، مٽياري.**

INF-KRY NO.695/2009

هتي انساني جان جي ڪا اهميت ناهي.

ٽريفڪ پوليس: جيڪا صدر، وزيراعظم يا وڏي وزير جي گاڏيءَ لاءِ رستو ڪڍڻ جي ته هر ڪوشش ڪري ٿي پر ايمبيولينس لاءِ رستو ڪڍڻ ۾ سدائين لاپرواهي جو مظاهرو ڪري ٿي.

حادثاتي شعبي جو ڊاڪٽرُ جيڪو هر زناني بيماري لاءِ ڊاڪٽرياڻي گهرائڻ پنهنجو فرض ٿو



ٿيڻ ڪانپوءِ ٻار روڪ واسطي ڪٽنبي رٿابنديءَ جي ڊاڪٽرياڻيءَ ڇلو (IUCD) فٽ ڪيو پر ان انجي ٽن مهينن ڪانپوءِ هوءَ وري ڳورهاري ٿي پئي. حمل جو پتو پوڻ تي هوءَ ڪٽنبي رٿابندي جي ڪلينڪ وئي جتي ڊاڪٽرياڻي ڇلو ته ڪڍي ڇڏيو پر حمل بابت ڪا هدايت نه ڪيائين.

نذيران جو مڙس هڪ فيڪٽريءَ ۾ ڪم ڪندو هو جتان ملندڙ انتهائي معمولي اجوري ۾

**پشاور رهواسڻ پنجن ڏيئرن جي ماءُ جنهن نيٺ پٽ ڄڻيو هو. جڏهن دائيءَ اها خوشخبري سندس مڙس کي ٻڌائي ته هن هڪدم سندس هٿ جي ترئيءَ تي هزار رپيا ۽ پاڻ خوشيءَ جي اظهار طور هوائي فائرنگ ڪرڻ لاءِ گهر کان ٻاهر نڪتو. دائي گهر جي هر فرد کي خوشخبري ٻڌائڻ ۽ انعام وصول ڪرڻ ۾ جنبجي وئي. هوڏانهن عزت گل جي وڏي ڌيءَ ڏٺو ته سندس ماءُ جي چوڌاري رت جو ڍبو پيو ٺهي. ڪيس هڪ ويجهي ڪلينڪ پهچايو ويو جتي ان وقت (اسر جو ٽين وڳي) ڪو ڊاڪٽر موجود نه هو ۽ هوءَ گهٽو وقت انهيءَ نازڪ حال ۾ پئي رهي نيٺ ڪيس ليڊي ريڊنگ اسپتال پهچايو ويو جتي پهچندي ئي پساهه ڏنائين.**

سمجهي ۽ پنهنجي سر ڪا ابتدائي طبي امداد ڏيڻ بدران واسطيدار وارڊ ۾ فون ڪري پنهنجي ليکي پنهنجي ذميواريءَ کان آجو ٿي ويو.

ڊاڪٽرياڻي: جنهن ڪنهن ڳالهه ڪري حادثاتي شعبي ۾ دير لڳائي ۽ انجو احساس نه ڪيائين ته ان سان مريض مائي مري به سگهي ٿي.

اهو ظاهري طور ته معمولي طبي مسئلو هو پر ڪيترن ئي ماڻهن جي غير ذميواريءَ سبب هڪ ماءُ ٻڄندڙ عورت موت جي ياڪر ۾ پرجي وئي. سوچيو ته اهو ان عورت جو نياڱ هو يا هن معاشري جو نياڱ.

گجرات جي رهواسڻ 29 سالن جي نذيران جنهن کي پنج ٻار



سندن ڪٽنب جو انتهائي تنگدست گذارو ٿي پيو.

نذيران حمل ختم ڪرائڻ لاءِ ڪنهن غير تربيت يافتا دائي سان لهه وچڙ ۾ آئي. نتيجي ۾ ڪيس ٽن ڏينهن کان پوءِ عزيز ڀٽي شهيد اسپتال آندو ويو ته سندس بخار 106 ڊگرين تائين پهتل هو. نبض ڳولهي نٿي لڌي. بلڊ پريشر تمام گهٽو هو ۽ جسم مان بدبودار رطوبت خارج پئي ٿي.

ڪٽنب جي ڪنهن به فرد کي ڳالهه جو پتو نه هو. ڇهن ڪلاڪن تائين ساهه جي بحالي وارين ڪوششن جي باوجود موت جو بک ٿي وئي. سندس ٻچيدانيءَ ۾ سوراخ ٿي ويو هو ۽ رت ۾ زهر پکڙجي چڪو هو اهي سندس موت جا سبب هئا.




## صحيح اندازي لڳائڻ جو تعلق لاشعور ۾ موجود معلومات سان آهي



ميڊيڪل نيوز ٽوڊي ۾ يادگيري تي ڪيل تحقيق بابت شايع ٿيل هڪ رپورٽ مطابق خبر پوي ٿي ته روز مره جي زندگي ۾ ڪرڻ وارا فيصلا گهڻو ڪري اندازي جي بنياد تي نه هوندا آهن بلڪه ان بابت اهو چيو ويو آهي ته اِهي انساني لاشعور ۾ اڳواٽ ئي موجود هوندا آهن. تازو آمريڪا جي نارٿ ويسٽرن يونيورسٽي جي هڪ جائزي مطابق اهڙا شاهد مليا آهن، جنهن مان اهو ظاهر ٿيندو آهي ته اهڙا فيصلا ڪڏهن ڪڏهن محض اندازا نه هوندا آهن ماهرن انهن يادگيرن ڪي جن تائين شعوري طور تي رسائي ناهي ٿي سگهندي حيرت انگيز درستگي جي نشاندهي لاءِ مطالعي جي جديد ٽيڪنالاجي استعمال ڪئي آهي.

ان سلسلي ۾ ڪيل هڪ خصوصي ٽيسٽ دوران انهن ماڻهن جا اندازا ڪيترائي يا ان کان وڌيڪ زياده صحيح ثابت ٿيا جيترا ان وقت ٿيڻا هئا جڏهن تجربي ۾ شريڪ ماڻهن جو خيال هو ته هنن شعوري طور تي سڀ ڪجهه ياد ڪيو آهي.

نارٿ ويسٽرن يونيورسٽي جي ماهر پروفيسر ڪرن پيلر جو چوڻ آهي ته اسان حقيقي طور تي ان کان گهڻو وڌيڪ ڄاڻ رکندا آهيون، جيترو اسانجو خيال آهي ته اسان روز مره جي حالات ۾ ڄاڻئون ٿا. هن جو چوڻ آهي ته مثال جي طور تي ڪنهن ڏوهي جو چهرو سڃاڻڻ يا امتحان ۾ صحيح جواب ڏيڻ وقت لاشعوري يادون پنهنجو ڪردار ادا ڪنديون آهن.

پروفيسر پيلر جو چوڻ آهي ته ان مطالعي جي ڪاميابي ڏيارڻ واري صحيح اندازي لڳائڻ ڪي سندن يادن سان ڳنڍيو ويو آهي ۽ اهو چيو ويو آهي ته ماڻهن ڪي پنهنجي چوگرد مختلف قسم جي معلومات لاءِ پنهنجو ذهن کليل رکڻ گهرجي.

يادگيري جي ٽيسٽ جي پهرين حصي جي جائزي ۾ شامل ماڻهن کي ڪمپيوٽر جي اسڪرين تي رنگين تصويرون ڏيکاريون ويون ۽ انهن مان اڌ تصويرن کي ياد ڪرڻ لاءِ حصي ونڊڙن انهن تي ڀرپور توجهه ڏنو. هر تصوير ڪي ڏسڻ لاءِ هنن ڪجهه انگ مثلن 3، 8 يا 4 ٻڌا ان لاءِ ضروري هو ته ان انگ ڪي ٽيسٽ جي اڳئين مرحلي تائين ذهن ۾ رکن جڏهن انهن کي اهو ٻڌائڻو هجي ته آيا اهي انگ اڪي هئا يا ٻڏي. ٽيسٽ جي هر مرحلي تي انهن کي هڪ نئون نمبر ٻڌڻو هو ۽ انگن ٻڌڻ جي مرحلي ڪي مڪمل ڪرڻ کانپوءِ هڪ بٽڻ دٻائڻو هو.

ٻين لفظن ۾ اِهي اڌ تصويرن کي ياد ڪرڻ تي پنهنجو ڌيان هڪ هنڌ رکي ٿي سگهيا. پر ٻين شين کي ياد رکڻ لاءِ انهن کي ڪيترين ئي رڪاوٽون ڏسڻيون پيون. ٿوري دير کانپوءِ انهن کي سڃاڻپ لاءِ هڪ ٽيسٽ ۾ انهن سان ملندڙ جلندڙ تصويرن جا جوڙا ڏيکاريا ويا.

ان تجربي سان هڪ حيرت انگيز ڳالهه سامهون آئي ته تجربي ۾ شامل انهن پراڻين تصويرن کي درستگي سان سڃاتو جن کي ڏسڻ وقت انهن کي رڪاوٽون سامهون آيون هيون بنسبت انهن تصويرن جي جن کي هنن پوري توجهه سان ڏنو ۽ ياد ڪيو هو. پروفيسر پيلر جو چوڻ آهي ته انهن جا جواب ان وقت زياده صحيح هئا جڏهن هنن جي دعويٰ هوندي هئي ته اِهي اندازو لڳائي رهيا آهن بنسبت ان وقت جي جڏهن هو چوندا هئا انهن کي اها تصوير ڪجهه ڄاتل سڃاتل لڳي رهي آهي.


Quality Products of
Ahmed Vegetable Oil and Ghee Mills
Mumtaz
BANASPATI
Mumtaz
Rite
100% Pure Cooking Oil
Cholesterol Free
Rite
100% PURE CANOLA OIL
Improved
Shahbaz
BANASPATI
with Vitamins A&D
Quality Certified by:
Pakistan Standards & Quality Control Authority

معائني کي اوليت حاصل آهي، ان ڪري جو جڏهن ڪو مريض پنهنجون شڪايتون ٻڌائيندو آهي مثلن بخار، سور، الٽي وغيره تہ ان سان ڪيترين ئي بيمارين ذهن ۾ ايندين آهن. ڊاڪٽرانهن متعلق سوال پڇي متوقع بيمارين جي لسٽ کي مختصر ڪندو آهي، ان ڪانپوءِ جسماني معائنو ڪندو آهي جنهن سان لسٽ مان ڪجهہ ٻيون بيماريون بہ خارج ٿي ويندين آهن ۽ فهرست اڃا بہ مختصر ٿي ويندي آهي. ان ڪان پوءِ بہ جيڪڏهن هو آخري نتيجي تي نہ پهچي تہ ٽيسٽن جو سهارو ورتو ويندو آهي.



ٽيسٽ جي اهميت کي نظرانداز ڪري ان کي جسماني سور جي ڪا دوا لکي ڏئي ٿو تہ ٿي سگهي ٿو تہ هو غلط ڪري رهيو هجي ڇو جو ڪاٻي ٻانهن ۾ سور دل جي دوري ڪري بہ ٿي سگهي ٿو. اهڙي مريض جي اي سي جي ضرور ڪرائجي.

تشخيص ڪان علاوه بہ هينين صورتن ۾ ليبارٽري ٽيسٽن جي ضرورت هوندي آهي.

**(1) بيماري ۾ آهستي آهستي بهتري معلوم ڪرڻ لاءِ:**

هن کي فالو اپ چوندا آهن. ڪي ٽيسٽون علاج لاءِ هلندڙ دوا جو اثر ڏسڻ لاءِ ڪيون ويندين آهن. جيئن جوڙن جي سور جي تڪليف ۾ رت جي هڪ ٽيسٽ ESR وڌي ويندو آهي، اسپرين يا بروفن جهڙي ڪا دوا شروع ڪرڻ ڪانپوءِ وقفي وقفي سان اها ٽيسٽ ڪرائڻي پوندي آهي. جيئن جيئن

**مثال ڪو شخص ڊاڪٽر کي ٻڌائي ٿو تہ ڪيس ٻن ڏينهن ڪان بخار آهي، بدن ۾ پيڙهہ ۽ ڇڪن ڪان گڏ نڪ وهي ٿو. ڊاڪٽر ٿرماميٽر سان ان جو بخار چيڪ ڪري ٿو ۽ "ٽارچ سان نڪ ۽ گلو چيڪ ڪري ٿو. اسٽيٿواسڪوپ سان ڇاتي ٻڌي ٿو ۽ ان نتيجي تي پهچي ٿو تہ هن کي نزلي زڪام يا فلو جو حملو ٿيو آهي، ان صورت ۾ هو ڪنهن ٽيسٽ جي ضرورت محسوس نٿو ڪري ۽ دوا لکي مريض کي فارغ ڪري ٿو. پر هڪ ٻيو مريض اهڙو اچي ٿو جيڪو چوي ٿو تہ ڪيس بخار سان گڏ اکين ۾ پيلاڻ ۽ اوڪاره اچن ٿا ۽ ساڄي پاسيري ۽ هيٺان سور بہ ٿئي ٿو تہ اهو مريض جيري جي مختلف مسئلن جيئن هيپاٽائيٽس، پتي جي پٿري ۽ چند ٻين بيمارين مان ڪنهن ۾ بہ مبتلا ٿي سگهي ٿو ۽ ڪنهن بہ آخري نتيجي تي پهچڻ لاءِ مختلف ٽيسٽ ڪرائڻ ضروري آهن.**

جيڪڏهن مڪمل هسٽري ۽ معائني ڪانسواءِ ئي ٽيسٽون ڪرائجن تہ اهو اوندهہ ۾ تير هلائڻ برابر ٿيندو ۽ اهو تير اڪثر بيڪار وڃي ٿو.

پر جتي اسان هسٽري ۽ معائني جي اوليت کي مڃون ٿا اتي اهو ٻڌائڻ بہ ضروري آهي تہ جتي ليبارٽري ٽيسٽ جي ضرورت آهي اتي محض پنهنجي علم ۽ تجربي تي ڀاڙڻ بہ خطرناڪ ٿي سگهي ٿو. مثلن جيڪڏهن ڪو شخص ڪاٻي ڪلهي ۽ ٻانهن ۾ سور جي شڪايت سان اچي ٿو ۽ ڊاڪٽر



مريض بهتر ٿيندو ESR گهٽ ٿيندو ويندو ۽ دوا جو مقدار بہ ان حساب سان گهٽائبو وڃبو. اهڙي طرح رت ۾ ڪوٽ جي شڪار مريض کي فولاد واريون دوائون شروع ڪرڻ ڪانپو"ڪجهہ عرصي ڪان پوءِ هيموگلوبن چيڪ ڪرائبو آهي تہ اهو بهتر ٿيو يا نہ.

**حوالي لاءِ:**

ڪن بيمارين جي مدت ڊگهي ۽ اثر شديد هوندو آهي ۽ بعد ۾ ٻين عضون تي اثر ٿيڻ جو امڪان هوندو آهي. جيئن SLE بنيادي طور جيري جي بيماري ناهي پر جيڪڏهن تشخيص ٿي وڃي تہ

هڪ دفعو جيري جي ٽيسٽ LFTs ڪرائي مريض جي رڪارڊ ۾ رکي ڇڏجن جيئن بيماريءَ دوران جيڪڏهن ڪو جيري جو مسئلو ٿئي ته خبر پوي ته شروع ۾ مريض جو جيرو ٺيڪ هو يا نه. يعني جيري جي تڪليف SLE جي دوران واقع ٿي يا اڳ هئي.

اهڙي طرح ڪي دوائون مختلف عضون لاءِ خراب اثر رکن ٿيون پر پنهنجي خاص بيماري لاءِ ضروري آهن جيئن ٽي بيءَ جي دوا جيري تي ۽ مرگهيءَ جي دوا جيري ۽ رت جي ذرن تي ۽ ڪي اينٽي بايوٽڪس گردن تي خراب اثر ڇڏين ٿيون. اهڙيون دوائون شروع ڪرڻ وقت عضون جي ڪم ڪرڻ جي صلاحيت جي ٽيسٽ هڪ دفعو ڪرائڻ گهرجي جيئن مستقبل ۾ حوالي طور ڪم اچن. اهڙي طرح علاج دوران به هر دوا جي حساب سان خاص مدت ڪانپوءِ اهي ٽيسٽون ورجايون وينديون آهن. جيئن دوا جا اگرا اثر جاچي سگهجن.

(3) تعليمي ۽ تحقياتي لحاظ کان: هڪ خاص آباديءَ ۾ مختلف بيمارين جي شرح ڪيتري آهي. اهو ڏسڻ لاءِ به ڪي ٽيسٽون ڪرائبيون آهن. جيئن هيپاٽائٽيس بي جي شرح اسانجي ملڪ ۾ اٽڪل 10 سيڪڙو آهي. بلوغت جي دور مان گذرڻ وارين پاڪستاني ڇوڪرين ۾ عام طرح رت جي کوٽ ڏٺي وئي آهي. اترين علائقن ۾ شديد مليريا جي شرح گهٽي آهي. اهي سڀ حقيقتون وڏي پيماني تي ماڻهن جي ٽيسٽ ڪرائڻ ڪانپوءِ ئي معلوم ٿيون آهن. وڏي پيماني تي جيڪي بيماريون يا مسئلا ڏٺا وڃن ٿا اهي پوري آباديءَ لاءِ ڪو قدم کڻڻ لاءِ اشارو هوندا آهن ۽ اهڙن ڪمن جو فيصلو ائين وڏي پيماني

**مختلف ٽيسٽن ۾ جيڪي ڪيميائي شيون استعمال ٿين ٿيون انهن جو هڪ مقرر وقت هوندو آهي جنهن کان پوءِ استعمال نه ڪبيون آهن پر ڪاروباري ذهنيت وارو ماڻهو مدو پورو ٿيل شين کي ضايع ڪرڻ کي وڏو نقصان ٿو سمجهي ۽ ڪڏهن انهن جو استعمال پوءِ به جاري رکيو ويندو آهي چاهي ٽيسٽن جي رزلٽ ۾ زمين آسمان جو فرق اچي.**

تي ٽيسٽون ڪرائڻ کان پوءِ ئي ڪري سگهجي ٿو. عام طور تي تعليمي لحاظا کان اهي ٽيسٽون مريض جي اجازت سان ڪيون وينديون آهن "انهن جو خرچ به مريض کي برداشت ڪرڻو نه پوندو آهي.

## ٽيسٽ... ضرورت کان




## علاوه ڇو؟

بنا ضرورت ڪرايا ويندڙ ٽيسٽ ٻن قسمن جا هوندا آهن. هڪ اهو جن ۾ ٽيسٽ ٻڌائڻ واري جي نيت تشخيص ۾ مدد وٺڻ هوندي آهي ٻيو اهو جنهن ۾ ٽيسٽ ٻڌائڻ واري (ڊاڪٽر) جي نيت ڪجهه ٻي هوندي آهي.

پهرئين قسم ۾ ٽيسٽ ٻڌائڻ واري جي لاعلمي يا اڻ ڄاڻائپ جو هٿ هوندو آهي جيئن

ڪو ٻار ڊاڪٽر وٽ ان شڪايت سان آندو وڃي ته ان جو قد ننڍو ڏي ۽ ان کي گروٿ هارمون ٽيسٽ ڪرائڻ لاءِ چيو وڃي جنهنجو ڪو به فائدو نه ٿيندو. ان ڪري جو اهڙن ٻارن جي هسٽري، ان جي خاندان جي هسٽري، ٻار جو جسماني معائنو ۽ خاندان جي باقي ماڻهن جو معائنو سڀ کان وڌيڪ اهم آهي، ان ڪانپوءِ جيڪڏهن ڪنهن ٽيسٽ جي ضرورت سڀ کان اول ٿيندي به ه اهو ايڪسري ذريعي Bone Age يا هڏيءَ جي عمر معلوم ڪرڻ آهي، گروٿ هارمون جهڙي مهانگي ٽيسٽ ان ٻار لاءِ اجائي آهي.

ٻئي قسم جي بنا ضروت ٽيسٽن ۾ وڏو عنصر مالي فائدي جو آهي اهڙيون ڪيئي پرائيويٽ اسپتالون ۽ ڪلينڪون آهن جن ۾ ليبارٽري موجود آهي انهن جاين تي ليبارٽري لاءِ خاص ڪري ٽيسٽون ڪيون وينديون آهن جيئن ليبارٽري به پئسا ڪمائيندڙ ڪاروبار جي شڪل ۾ هلندي رهي، ڪيئي پرائيويٽ ليبارٽريون ٽيسٽ موڪلڻ وارن لاءِ ٽيسٽ جي معاوضي مان حصو رکنديون آهن.

اهڙي طرح ڪي ٽيسٽون مريضن جي تسليءَ لاءِ ڪرايون وينديون آهن. ڳوٺن مان ۽ شهرن مان به اڻ پڙهيل ماڻهو ڊاڪٽر وٽ وڃي پنهنجي بيماري ٻڌائيندا آهن ۽ ڊاڪٽر جي فيصلي کان اڳ ئي ارادو ظاهر ڪندا آهن ته هو پنهنجو رت يا پيشاب ٽيسٽ ڪرائڻ چاهين ٿا. ڊاڪٽر سوچيندو آهي ته اجايو 10 منٽ هن کي سمجهائڻ ۾ برباد ٿيندا ته هن کي ٽيسٽ جي ضرورت ناهي ۽ ان جي باوجود به ٿي ٿو سگهي مريض ڪنهن ٻئي وٽ ٽيسٽ ڪرائڻ لاءِ پهچي وڃي ان ڪري سنو آهي ته مان ئي لکي ڏيانس، اهڙي طرح مريض جي تسليءَ لاءِ هڪ اڌ ٽيسٽون لکيون وڃن ٿيون.

## مريض جو حق:

(1) ان جون صرف اهي ٽيسٽون ڪرائجن جن جي واقعي ضرورت هجي يعني دوائن جي صحيح استعمال جي طرز تي تشخيص لاءِ تحقيق جي صحيح انداز کي به هٿي ڏجي.

(2) سرڪاري اسپتال ۾ داخل مريض لاءِ ڪوشش ڪئي وڃي ته ان جون گهٽي کان گهٽيون ٽيسٽون اسپتال ۾ ئي ٿين. عام طور تي غريب ماڻهوئي سرڪاري اسپتال ۾ اچن ٿا پر ڊاڪٽر جي فيس واري جيڪا رقم سرڪاري اسپتال ۾ هنن کي بچي ٿي تنهن کان ٻيڻو خرچ هنن کان ٽيسٽن تي ڪرايو ٿو وڃي.

(3) پرائيويٽ اسپتالن ۽ ڪلينڪن مان ٽيسٽون موڪلڻ مهل به مريض جي مالي حيثيت جو خيال ڪيو وڃي.

(4) جيڪي ٽيسٽون مريض کي ٻڌايون وڃن ضروري آهي ته ان جو مقصد ۽ فائدو به مختصرن مريض کي ٻڌائجي ۽ انهن جي متعلق مريض جي سوالن جو جواب ڏيڻ جي به ڪوشش ڪجي.

## چندخرابيون:

1- ليبارٽرين جي ڪم ۾ اڌ پڙهيل ماڻهو (Quacks) تمام گهڻا ٿي ويا آهن. هڪ ماڻهو ڪنهن سرڪاري يا پرائيويٽ ليبارٽريءَ ۾ ڪجهه دير ڪم ڪرڻ کانپوءِ پنهنجي ليبارٽري کولي ٿو، چاهي ان کي R/E-CP-CBC وغيره جي مطلب جي خبر نه هجي هو هر ڪم کي منافعي جي حوالي سان ڏسي ٿو. ٽيسٽ چاهي، ان جو فائدو ڪهڙو آهي، ان جو طريقو چاهي، ان جي غلط رزلٽ سان هڪ انساني جان تي ڪهڙو اثر پوندو ان سان ڪاروبار ڪرڻ واري جو ڪو مطلب ناهي.

مختلف ٽيسٽن ۾ جيڪي ڪيميائي شيون استعمال ٿين ٿيون انهن جو هڪ مقرر وقت هوندو آهي جنهن کان پوءِ استعمال نه ڪبيون آهن پر ڪاروباري ذهنيت وارو ماڻهو مدو پورو ٿيل شين کي ضايع ڪرڻ کي وڏو نقصان ٿو سمجهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن انهن جو استعمال پوءِ به جاري رکيو ويندو آهي چاهي ٽيسٽن جي رزلٽ ۾ زمين آسمان جو فرق اچي.

اهڙي ليبارٽرين جي سيني رپورٽن تي (Not valid for court) يعني اها ڪورٽ ۾ پيش نٿي ڪري سگهجي" لکيل هودو آهي. اهڙي طرح ڪن رپورٽن سان گڏ هيئن به لکيل هجي ٿو ته جيڪڏهن رپورٽ مريض جي (Clinical Condition) يا حالت سان مطابقت نٿي رکي ته رپورٽ واپس موڪليو اسان ٻيهر ٽيسٽ ڪنداسين. ان طرح جون ٻئي ڪيئي خرابيون آهن جن سان وقفي وقفي سان ماڻهن جو واسطو پوي ٿو.

**اهڙي ليبارٽرين جي سيني رپورٽن تي (Not valid for court) يعني اها ڪورٽ ۾ پيش نٿي ڪري سگهجي" لکيل هودو آهي. اهڙي طرح ڪن رپورٽن سان گڏ هيئن به لکيل هجي ٿو ته جيڪڏهن رپورٽ مريض جي (Clinical Condition) يا حالت سان مطابقت نٿي رکي ته رپورٽ واپس موڪليو اسان ٻيهر ٽيسٽ ڪنداسين. ان طرح جون ٻئي ڪيئي خرابيون آهن جن سان وقفي وقفي سان ماڻهن جو واسطو پوي ٿو.**

(2) مريض ۽ ان جي ٽيسٽ جي نمونن کي ليبارٽري ۾ محض هڪ بي جان ڪاروباري شيءِ وانگر سمجهيو وڃي ٿو. بلڪل ائين جيئن ڪيمسٽ يا اسٽور واري وٽ هوندو آهي. يعني هڪ مرندڙ مريض کي لکيل دوائن جي پرچي ۽ هڪ نئين چاول ٻار (جيڪو خوشي جو سبب آهي) لاءِ لکيل سامان ڪيمسٽ يا اسٽور واري لاءِ ساڳي حيثيت رکن ٿا. ٻنهي کي واري واري سان گڏي پلاسٽڪ بيگ ۾ وڌو ويندو ۽ بل ادا ٿيڻ کانپوءِ گراهڪ جي حوالي ڪيو ويدو. مرندڙ ماڻهو جي سامان واري سان ڪا همدردي يا رعايت جو امڪان ڪونهي، اهڙي طرح ليبارٽري ۾ انتهائي سنيال واري شعبي آءِ سي يو ۾ داخل مريض جي سيمپل ۽ عام مريض جي سيمپل وچ ۾ ڪو فرق نه رکيو ويندو. ان جي برعڪس جنهن وارڊ ۾ مريض جي حالت خراب هجي اتي موجود سخت ۾ سخت دل واري ماڻهوءَ کي به همدردي پيدا ٿي پوي ٿي، اتي ليبارٽرين ۾ ڪم ڪندڙن کي به انهن اخلاقي قدرن جي پابندي ڪرڻ گهرجي.

(3) پيشاب، رت يا ڪنهن به شئي جو جڏهن نمونو ورتو ويندو آهي ته مختلف ٽيسٽن لاءِ انهن کي محفوظ ڪرڻ جو طريقو به مخلف هوندو آهي. اڻ سکيا ماڻهو ان سلسلي ۾ نه ته ڄاڻ رکن ٿا ۽ نه ئي عمل ڪري سگهن ٿا. نتيجو غير تسلي بخش رزلٽن جي صورت ۾ نڪري ٿو انهن ۾ هڪ اهم خرابي ٻارن جو بلڊ سيمپل وٺڻ مهل ٿئيٽي اهي جايون جتي ٻارن جي علاج جون سهولتون موجود آهن جيئن ٻارن جو وارڊ يا ٻارن جي او پي ڊي، اتي جيڪڏهن ڪو ڊاڪٽر ٻار لاءِ ٽيسٽ لکي ڏئي ٿو ته نرس يا ڊاڪٽر ٻار جو رت ڪڍي سرنج ۾ والدين کي ڏئي ٿو جنهن سان ڪو مسئلو نٿو ٿئي پر جيڪڏهن ٽيسٽ لکرائي والدين ٻار کڻي سڌا ليبارٽري هليا وڃن ته اتي ڪم ڪندڙ ايترا هوشيار ناهن هوندا، اهي هٿ يا ٻانهن جي رڳ مان رت ڪڍڻ بجاءِ ڳچيءَ يا رانن جي مٿئين حصي ۾ موجود وڏين رڳن مان رت



ڪڏن تا، انهن پنهنجي جڳهين جو سهارو تڏهن ورتو آهي جڏهن ٽيسٽ تمام ضروري هجي ۽ هٿن ۾ ٻانهن ۾ پيرن مان رت نه ڪڍي سگهجي، محض پنهنجي ڪاروبار لاءِ ٻارن جي زندگي سان ڪيڏڻ خطرناڪ آهي.

(4) ليبارٽري ٽيسٽن جي هڪ ٻي خرابي انهن جو غلط استعمال به آهي، اهو اڪثر ڪري ڏٺو ويو آهي ته ڪير پيئنڊڙ ننڍن ٻارن جي بيماريءَ جو الزام ماءُ جي ڪير تي ڏنو ويندو آهي ۽ اهو ثابت ڪرڻ لاءِ ته ماءُ جي ڪير ۾ زهر آهي. ڪير ليبارٽري ٽيسٽ لاءِ موڪليو ويندو آهي،ماءُ جي ڪير ۾ ٻار کي بيمارين کان بچائڻ لاءِ مدافعتي گهرڙا (Macrophage) ڪافي تعداد ۾ هوندا آهن. ليبارٽري جي خوردبين انهن کي پيپ داڻن (pus cells) طور سڃاڻي ٿي،جنهن ڪري ماءُ جي ڪير ۾ پيپ ثابت ڪري ڪير ڇڏايو ويندو آهي. ڳوٺن ۾ نيم حڪيم قسم جا ماڻهو ڪو ننڍڙو ڪيڙو ڪٽي ان تي ڪير ڪيرائيندا آهن. ان سان ڪيڙي جي بي حرڪت ٿيڻ يا مرڻ مان ماءُ جي ڪير ۾ زهر ثابت ڪندا آهن. جيڪو سراسر جهالت آهن. ڪيڙو ساهه منجهڻ سان به مري سگهي ٿو. ڪي حڪيم پاڻ کي يرقان جو ماهر ظاهر ڪندا آهن. جن جا دعويٰ روزانو اوهان اخبارن ۾ ڏسندا هوندا ته انهن جي علاج سان هيپاٽائيٽس بي جا مريض ٺيڪ ٿي ويا ۽ هيپاٽائيٽس بي وائرس رت ۾ موجود هو اهو نيگيٽو ٿي ويو. ثبوت طور هو ليبارٽري جون رپورٽون به پيش ڪندا آهن. اهو به ٽيسٽن جو هڪ غلط استعمال آهي. هيپاٽائيٽس بي هڪ مفهوم ۾ لاعلاج مرض آهي پر اها حقيقت آهي ته اٽڪل 60 کان 70 سيڪڙو ماڻهو هن وائرس ۾ مبتلا ٿيڻ کانپوءِ پاڻ ئي ٺيڪ ٿي ويندا آهن ۽ رت ۾ موجود وائرس مان ڪين نجات ملي ويندي آهي ۽ انهن جي ٽيسٽ نيگيٽو ٿي ويندي آهي. اها اصل ۾ جسم جي بچاءُ واري طاقت هوندي آهي جيڪا بيماري جو عرصو پورو ڪرڻ کانپوءِ وائرس کي جسم مان ختم ڪري ٿي ان ۾ ڪنهن حڪيم جي علاج جو ڪوبه ڪمال ناهي، ائين به اهو ليبارٽري ٽيسٽ جو هڪ غلط استعمال آهي.

## (ڪرڻ جا ڪم)

حڪومت: 1- ليبارٽرين ۾ غير تربيت يافته ماڻهن کي ڪڍيو وڃي صرف ماهر ماڻهن کي ليبارٽرين کولڻ ۽ هلائڻ جي اجازت هجي.

2- سرڪاري اسپتال ۾ موجود ليبارٽرين جي ڪم کي يقيني بڻائجي.

3- پرائيويٽ ليبارٽرين ۾ ٽيسٽ، ايڪسري، اي سي جي ۽ ٻين شين جي اگهن کي مقرر ڪيو وڃي، جنهن کان مٿي پئسا وٺڻ جي اجازت نه هجي.

### ڊاڪٽر:

1- سڀ کان اهم ڪم ڊاڪٽر جو آهي، ڊاڪٽرن کي دوائن جي جائز ۽ صحيح استعمال وانگر ٽيسٽن جو به جائز ۽ ضرورت مطابق استعمال ڪرڻ گهرجي. ٽريننگ دوران ميڊيڪل جي استادن کي پنهنجي شاگردن کي اها ڳالهه سيکارڻ گهرجي ته ڪهڙي طرح پنهنجي ڪم جي مهارت ذريعي هو مريض جي هسٽري ۽ معائني سان چڱي خاصي معلومات حاصل ڪري سگهن ٿا جيئن ليبارٽرين تي تمام گهٽ ڀاڙجي. ڊاڪٽرن کي پنهنجي پريڪٽس دوران پاڻ کي به اها مهارت حاصل ڪرڻ جي گهٽي کان گهٽي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

2- سرڪاري اسپتالن ۾ موجود ٽيسٽ جي سهولتن جو نه صرف گهٽي کان گهٽو استعمال ڪرڻ گهرجي، بلڪ ڪوشش ڪجي ته اهي سهولتون بنا رڪاوٽ جاري رهن.

### مريض:

1- پنهنجو پاڻ ٽيسٽ ڪرائڻ کان مڪمل پرهيز ڪيو، پاڻ مرادو ڪرايل الٽراسائونڊ، ايڪس ري، رت ۽ پيشاب جون ٽيسٽون پيسي جي زيان ڪانسواءِ ڪجهه ناهن.

2- ڊاڪٽر کي ٽيسٽ ڪرائڻ لاءِ زور نه ڀريو. جيڪڏهن ڊاڪٽر پاڻ کي ٽيسٽون تجويز ڪري ته صرف اهي ڪرايو هڪ تحقيق مطابق مريض جي هسٽري ۽ معائني کان پوءِ ڊاڪٽر جيڪا راءِ قائم ڪندو آهي 90 سيڪڙو مريضن ۾ ٽيسٽن کانپوءِ به اها راءِ برقرار رهندي آهي.

3- ڊاڪٽر جيڪا ٽيسٽ لکي ڏئي ان جي باري ۾ ان کان پڇو ته اها ڇا آهي ۽ ان جو ڪهڙو فائدو ٿيندو، معلومات حاصل ڪرڻ مريض جو حق آهي انکي استعمال ڪيو.

### ليبارٽريون

1- سرڪاري ليبارٽريون پنهنجو ڪم ديانتداريءَ سان سرانجام ڏين.

2- پرائيويٽ ليبارٽريون پنهنجا اگهه قابل برداشت رکن.

3- ٽيسٽ موڪلڻ وارن لاءِ ڪميشن جي عادت ختم ڪجي.

4- ليبارٽري ۾ ايندڙ مريض يا ٽيسٽ جي سيمپل کي محض منافعي بخش ڪاروبار جو ذريعو نه سمجهو بلڪ انساني بنيادن تي ڪم ڪيو.

(نيٽ ورڪ جي ٿورن سان)

**ليبارٽري ٽيسٽن جي هڪ ٻي خرابي انهن جو غلط استعمال به آهي، اهو اڪثر ڪري ڏٺو ويو آهي ته ڪير پيئنڊڙ ننڍن ٻارن جي بيماريءَ جو الزام ماءُ جي ڪير تي ڏنو ويندو آهي ۽ اهو ثابت ڪرڻ لاءِ ته ماءُ جي ڪير ۾ زهر آهي. ڪير ليبارٽري ٽيسٽ لاءِ موڪليو ويندو آهي ،ماءُ جي ڪير ۾ ٻار کي بيمارين کان بچائڻ لاءِ مدافعتي گهرڙا (Macrophage) ڪافي تعداد ۾ هوندا آهن. ليبارٽري جي خوردبين انهن کي پيپ داڻن (pus cells) طور سڃاڻي ٿي ،جنهن ڪري ماءُ جي ڪير ۾ پيپ ثابت ڪري ڪير ڇڏايو ويندو آهي. ڳوٺن ۾ نيم حڪيم قسم جا ماڻهو ڪو ننڍڙو ڪيڙو ڪٽي ان تي ڪير ڪيرائيندا آهن. ان سان ڪيڙي جي بي حرڪت ٿيڻ يا مرڻ مان ماءُ جي ڪير ۾ زهر ثابت ڪندا آهن، جيڪو سراسر جهالت آهن، ڪيڙو ساهه منجهڻ سان به مري سگهي ٿو.**

# CHANGES WITH AGEING

# انسان جي ڄمار سان گڏ بدلجندڙ نقطئه نظر

سارنگ سمون

ڇا اوهان ان ڳالهہ کان واقف آهيو تہ توهان جي زندگي بہ هڪ ٻوٽي يا جانور جي زندگي وانگر نہ رڳو جسماني پر نفسياتي لحاظ کان بہ هڪ مقرر ڪيل انداز ۾ گذرندي آهي. انسان زندگي جا پهريان 12 کان 13 سال مائٽن جي ماتحت رهي گذاري ٿو. ان کان پوءِ 12، 13 کان 18 ۽ 20 ورهين جي ڄمار تائين جي وچولي دؤر ۾ هڪ انفراديت حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪري ٿو، پنهنجن خيالن ۽ نقطئہ نظر ۾ خودمختياري گهري ٿو ۽ پنهنجي شخصيت ۽ خيالن کي ڇٽي نموني پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. اهو دؤر انسان جي زندگي جو سڀ کان وڌيڪ ڏکيو ۽ ڏنگو هوندو آهي. تجربن تي پهچڻ لاءِ رد عمل جي اظهار ۾ تمام گهڻي شدت ۽ اونهائي ملندي آهي. رد عمل جي ايتري شدت ۽ اونهائي زندگي جي ڪنهن ٻي دؤر ۾ نٿي ڏٺي وڃي. اهو دؤر غير معمولي طور تي بامعنيٰ ۽ نفسياتي طور تي شخصيت جي عملي اظهار جون واٽون هموار ڪندو آهي. ان لحاظ کان اهو هڪ اهم دؤر هوندو آهي. ان کان پوءِ عمر جو 18، 20 کان 25 ۽ 30 ورهين تائين جو عرصو غير معمولي جسماني ۽ ذهني جاکوڙ ۽ ڪوششن جو دؤر هوندو آهي. ان دؤر ۾ محبت ۽ جنسي رازن بابت جاچ ڪئي ويندي آهي. گڏوگڏ مستقبل ٺاهڻ ۽ زندگي ۾ ڪو مقام حاصل ڪرڻ لاءِ سخت محنت ۽ جاکوڙ ڪئي ويندي آهي. انهي ئي دؤر ۾ شادي ڪئي ويندي آهي ۽ ان سان گڏوگڏ هڪ ڪٽنب جي شروعات ڪئي ويندي آهي. هڪ گهر جي بنياد رکي ويندي آهي، ساڳي ريت اهو دؤر سخت محنت ۽ تعميري سرگرمين جو دؤر هوندو آهي.

30ورهين جي ڄمار ويجهو انسان ۾ ڪاميابي جو احساس پيدا ٿيندو آهي، جنهن سان سندس طبيعت ۾ سڪون ۽ خود اعتمادي پيدا ٿيندي آهي پر زندگي مان لچڪ ختم ٿيندي ويندي آهي. 30 ورهين جي ڄمار ويجهو ويجهو جيڪي ذميواريون قبول ڪيون ويندیون آهن، لهي گهڻيون مشڪل ۽ سخت هونديون آهن. گهڻي هوشياري ۽ چالاڪي سان ڪم وٺڻو پوندو آهي. انهيءَ عمر ۾ پهچي تجربن، تحقيق ۽ جاکوڙ جي گنجائش گهٽ ٿي ويندي آهي. 30 کان 40 ورهين جي ڄمار جي وچ ۾ ڪيريئر ۽ گهرو ذميوارين ۾ لڳاتار واڌارو ٿيندو ويندو آهي. گهٽ ۾ گهٽ 35 کان 40 ورهين جي ڄمار جي وچ ۾ ڪيريئر ۽ گهرو ذميوارين ۾ لڳاتار واڌارو ٿيندو ويندو آهي. گهٽو ڪري 35 کان 40 ورهين جي ڄمار دوران انسان جي آمدني، تحفظ، مرتبي ۽ حيثيت جو ذڪر جوڳو ۽ نمايان واڌارو ٿيندو آهي. ان دؤر ۾ ذهني ۽ نفسياتي نقطئہ نظر ۽ ضرورتن ۾ هم آهنگي پيدا ٿيندي آهي تہ جيئن هڪ محفوظ پرسڪون زندگي جي بنياد وجهي سگهجي، اهو دؤر مستحڪم ۽ لاپائتين سرگرمين وارو دؤر هوندو آهي.

45کان 50 ورهين جي ڄمار دوران نفسياتي جدوجهد جي هڪ نئي دؤر جي شروعات ٿيندي آهي، ٻار جوان ٿيندا ويندا آهن ۽ خودمختياري ڏانهن سندن وکون وڌنديون وينديون آهن. شادي جو تصور رڳو ڳالهين ٻولين جي حد تائين باقي وڃي رهندو آهي. نقطئہ



30ورهين جي ڄمار ويجهو انسان ۾ ڪاميابي جو احساس پيدا ٿيندو آهي، جنهن سان سندس طبيعت ۾ سڪون ۽ خود اعتمادي پيدا ٿيندي آهي پر زندگي مان لچڪ ختم ٿيندي ويندي آهي. 30 ورهين جي ڄمار ويجهو ويجهو جيڪي ذميواريون قبول ڪيون وينديون آهن، اهي گهڻيون مشڪل ۽ سخت هونديون آهن. گهڻي هوشياري ۽ چالاڪي سان ڪم وٺڻو پوندو آهي. انهيءَ عمر ۾ پهچي تجربن، تحقيق ۽ جاکوڙ جي گنجائش گهٽ ٿي ويندي آهي. 30 کان 40 ورهين جي ڄمار جي وچ ۾ ڪيريئر ۽ گهرو ذميوارين ۾ لڳاتار واڌارو ٿيندو ويندو آهي. گهٽو ڪري 35 کان 40 ورهين جي ڄمار جي وچ ۾ ڪيريئر ۽ گهرو ذميوارين ۾ لڳاتار واڌارو ٿيندو ويندو آهي.

نظر ۾ گهڻي حقيقت پسندي اچي ويندي آهي ۽ اها ڳالهه چڱي ريت مڃي ويندي آهي ته جواني ۽ نوجوان جي خوابن جو پورائو تمام گهڻو ڏکيو آهي. انهيءَ دؤر ۾ ڪنهن حد تائين ذميوارين ۽ جدوجهد ۾ تنزل ۽ زوال پيدا ٿيڻ شروع ٿي ويندو آهي. شادي شده زندگي ۾ توازن درست ڪيو ويندو آهي. شادي شده زندگي جو اهو هڪ خطرناڪ دؤر هوندو آهي، ڇاڪاڻ ته ٻارن جي خودمختيار هئڻ ڪان پوءِ هڪ قسم جو جذباتي خال پيدا ٿي ويندو آهي. انهي لاءِ انهن ۾ يڪسانيت ۽ بي رنگي اچي ويندي آهي. ڪيريئر جي معاملن ۾ هڪ قسم جي ناڪامي جو احساس پيدا ٿيندو آهي. اهو احساس پڻ ٿيندو آهي ته ڪوشش، جاکوڙ، ترقي ۽ عروج وارو دؤر گذري چڪو آهي.

50کان 60 سالن جي ڄمار وارو دؤر گهڻو ڪري پرسڪون، مطمئن ۽ خوشين سان ڀريل هوندو آهي ڇاڪاڻ ته ان دؤر ۾ زندگي کي ان جي اصل صورت ۾ قبول ڪيو ويندو آهي ۽ اها ڳالهه مڃي ويندي آهي ته ساڳئي طبيعت وارو ۽ پرسڪون ماحول گهڻو ڪجهه ڏئي سگهي ٿو. جيتوڻيڪ خانداني ذميواري ۾ گهٽتائي اچي ويندي آهي ۽ پنهنجي رجحانن موجب عمل ڪرڻ جي آزادي هوندي آهي. 30 کان 50 سالن جي دؤر جي ڀيٽ ۾ هاڻ مستقبل جي فڪر تمام گهڻي گهٽ هوندي آهي. ان وقت دلچسپ سوشل زندگي جي واڌ ويجهه جا موقعا ملندا آهن. سفر، مشغلن ۽ ٻيون سرگرميون جيڪي بحيثيت مجموعي معاشري لاءِ ڪارائتيون ثابت ٿينديون آهن. انهن کي اپنائڻ سان نقطئه نظر ۾ به وسعت پيدا ٿيندي ويندي آهي.

60کان 65 ورهين جي ڄمار وارو دؤر جسماني ۽ دماغي ٻنهي لحاظ کان ذڪر جوڳو ڏنو ويندو آهي ڇاڪاڻ ته معمولي معمولي ڪمن ۾ به هاڻ گهڻو وقت لڳي ويندو آهي. هر ڪم ڪرڻ کان پهرين چڱي ريت غور ۽ فڪر ڪيو ويندو آهي. ان وقت ويجهو ويجهو ذميواريون ختم ٿي چڪيون هونديون آهن. زندگي سادي سودي هوندي گذاري ويندي آهي ۽ عام لاڙو اهو هوندو آهي ته خرچ پڪا گهٽ کان گهٽ ڪيا وڃن ۽ ٻين کان هر قسم جي مدد به گهري ويندي آهي. اهو عمل 65 سالن جي ڄمار تائين پنهنجي عروج تي پهچي ويندو آهي. ان عمر تي پهچي قوت ۽ اقتدار کي برقرار رکڻ جي آخري ڪوشش ڪئي ويندي آهي يا پوءِ خوشي سان رٽائرمينٽ کي قبول ڪيو ويندو آهي. قوت ۽ اقتدار کي قربان ڪرڻ ڏکيو آهي ۽ اهڙي ريت ايترو گهڻو سڪون ۽ اطمينان حاصل ٿي ويندو آهي، جيڪو زندگي جي ڪنهن ٻي دؤر ۾ حاصل ناهي ٿيندو.

65جي ڄمار کان پوءِ زندگي گهڻي محدود ٿي ويندي آهي ڇاڪاڻ ته وقت، ڪاروبار، مٽ مائٽ، دوست ۽ هر قسم جون سرگرميون آخرڪار پڇاڙي تي پهچائي ڇڏيندو آهي، جيڪي ابتدائي زندگي ۾ تمام گهڻي اهميت رکنديون هيون. انهن ڳالهين جي ڪري "Generation Gap" جو سختي سان احساس ٿيندو آهي. انهيءَ لاءِ ته ان ڄمار تائين پهچندي پهچندي زندگي ۾ سماجي ۽ ٻيون بي شمار تبديليون واقع ٿي چڪيون هونديون آهن. بهرحال جسماني ۽ دماغي صحت جو زوال ان قسم جي صورتحال کي آساني سان قبولڻ تي راضي ڪري ونندو آهي.

علم نجوم اهو سيکاري ٿو ته نفسياتي طور تي انسان جي زندگي ۾ ٻه اهم دؤر ايندا آهن. هڪ ته 28 ورهين جي ڄمار ۾ ايندو آهي ۽ ٻيو 56 ورهين جي ڄمار ۾. اهي دؤر زحل جي پيدائش جي قوت جي پوزيشن تي ٻه پيرا پهچڻ جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندا آهن. 28 سالن کان پوءِ اهو پنهنجي نقطي تي واپس وري ايندو آهي تنهن ڪري انسان جي زندگي ۾ پيدائش جي وقت زحل جنهن حالت ۾ هو، 28 سالن کان پوءِ زحل نيڪ ساڳئي مقام تي ايندو آهي، تنهن ڪري اهي ٻئي دؤر زندگي جا وقت آهن. جڏهن گهرجن، مطلبن ۽ مقصدن کي ٻيهر لاپائتي انداز ۾ پرکيو ويندو آهي. مذهبي ۽ فلسفياڻين قدرن موجب غور ويچار ڪيو ويندو آهي ۽ انسان تجربا حاصل ڪندو رهندو آهي.

(sarangsamoo@hotmail.com)

# حوالي جا حوال

حوالي جي دماغ تي اچا تائين چائنا ڇانيل آهي. ڪيس ڪنهن دوست چائنا مان تحفي طور آندل پنڊي ڪيس گفٽ ڪئي جيڪا هئي ته پلاسٽڪ جي، پر ڏاڍي خوبصورت هئي، حوالي هر وقت ان پنڊي تي ماني رکي کائيندو هو جيڪڏهن گهروارا ڪنهن ٻي پنڊي تي ماني ڏين ته بک هڙتال جو اعلان ڪري ڇڏيندو هو.

هڪ ڀيري حوالي جي نِنڍڙي اُها پنڊي هلڪي باهه ٻرندڙ چُلهي تي غلطي سان رکي ڇڏي جڏهن ته حوالي به چُلهه جي ڀرسان ويٺل هو. پر هن ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان پنڊي کي هٽائڻ جي ڪوشش ڪونه ڪئي پر وڏي واڪي رڙيون ڪندو رهيو ته چائنا – پنڊي – باهه، چائنا- پنڊي- باهه. پاڙي وارا سندس رڙيون ٻڌي اچي در تي گڏ ٿيس هنن سمجهيو ته شايد پنڊي ۾ چائنا تي ڪنهن واپاري يا اداري کي باهه لڳي ويئي آهي ۽ حوالي اُها خبر تي وي تي ڏسي رڙيون ڪري پاڙيوارن کي ٻڌائي ٿو. جڏهن حوالي جي گهران سندس پٽ نڪتو ۽ پڇيائونس ته ڇا ٿيو آهي تڏهن هن حقيقت ٻڌايو. جڏهن حوالي کي پاڙي وارن معيار ڏني ته چيائين يار ٻيو ڪجهه پلي سڙي ها. پر گهٽ ۾ گهٽ چائنا جي پنڊي تي نه سڙي ها.

The Largest Circulated Sindhi Monthly of Pakistan

# MONTHLY WAIJ KARACHI

A Comprehensive Family Health Magazine

وڻن ويھن وٽ، جي سڪين ته سگهو تيين (شاھ)

ماھوار ويج ڪراچي

سنڌي ۾ صحت بابت پھريون رسالو

## جيڪڏھن اوھان چاھيو ٿا تہ:

◊ صحت جي سجاڳي آڻيندڙ سنڌي ٻولي جو ھي نرالو رسالو ماھوار ”ويج“ باقاعدگي سان اوھانجي ھٿن ۾ ھر مھيني پھچي.

◊ ٻوليءَ جي واڌاري ۽ ارتقا ۾ اوھان جو حصو شامل ھجي.

◊ سنڌي ٻوليءَ ۾ جديد طبي اصطلاح پنھنجي جاءِ وٺندا رھن تہ پوءِ

◊ اڄ ئي ماھوار ويج“ جي ساليانيءَ خريداري جو ڪوپن پري موڪليو.

◊ ڪوپن سان گڏ ساليانيءَ خريداري جو چندو -/400 رپيا/ڇھہ ماھي خريداري جو چندو -/200 رپيا بئنڪ ڊرافٽ مني آرڊر ذريعي موڪليو.

◊ ساليانيءَ خريداري جو چندو موڪلي اوھان ماھوار ويج پنھنجي دوستن ۽ پيارن کي سڄي سال لاءِ تحفي طور بہ موڪلي سگھو ٿا. اسان توھان جي ڊرافٽ/عزيز کي رسالي موڪلڻ سان گڏ اھو اطلاع ڪنداسين تہ رسالو ڪنھن جي پاران تحفو تيل آھي.

◊ ڪوپن ۽ بئنڪ ڊرافٽ ھيٺين پتي تي موڪليو.

**سرڪيوليشن مئنيجر ماھوار ويج ڪمرو نمبر 53 پھرين ماڙ، بلاڪ اي، معين اسٽيل مارڪيٽ، باباءِ اردو روڊ ڪراچي**

**نوٽ: ساليانيءَ فيءَ جي بدلي رسالي جي 2+12 پرچا موڪليا ويندا.**

# خريداري جو فارم

منھنجو/منھنجي دوست/عزيز جو نالو ماھوار ”ويج“ جي ساليانيءَ/ڇھہ ماھي خريدارن جي سٽ ۾ شامل ڪيو وڃي. مان ساليانو/ڇھہ ماھي چندي جو بئنڪ ڊرافٽ ۽ پنھنجا/پنھنجي دوست/عزيز جا تفصيل ھن فارم ۾ شامل ڪري موڪليان پيو.

نالو (ذات سان گڏ) : ______________________________

ائڊريس ______________________________

______________________________

شامل بئنڪ ڊرافٽ/مني آرڊر نمبر ______________________________

صحيح ______________ تاريخ ______________




KARACHI ● TOYOTA CENTRAL MOTORS UAN: 111-786-122 ● TOYOTA DEFENCE MOTORS PHONE: (021) 5386022-27 ● TOYOTA EASTERN MOTORS PHONE: (021) 4614077 ● TOYOTA SOCIETY MOTORS UAN: 111-786-113 ● TOYOTA SOUTHERN MOTORS PHONE: (021) 5053182-6 ● TOYOTA UNIVERSITY MOTORS PHONE: (021) 4941747 ● TOYOTA WESTERN MOTORS PHONE: (021) 2564531-3 HYDERABAD ● TOYOTA HYDERABAD MOTORS PHONE: (022) 3885121-5 QUETTA ● TOYOTA ZARGHOON MOTORS PHONE: (081) 444440-1

Customer Assistance Centre
INDUS MOTOR COMPANY LIMITED
Toll Free: 0800 11123
customer.relations@toyota-indus.com

INDUS MOTOR COMPANY LIMITED
www.toyota-indus.com